REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) جمع 16 فيبروري 2024 ع بمطابق 05 شعبان المعظم 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 262

چونڊ عمل پاڪستان جو اندروني معاملو آهي، پرڏيهي مشوري جي ضرورت ناهي: پرڏيهي ترجمان

پرڏيهي مبصرن کي ٻه دعوت ڏني وئي هئي، پرڏيهي مبصرن ۽ دولت مشترڪ جي مبصرن کي پليڪار ڪيون ٿا

پاڪستانين کي ملڪ جي سياسي عمل بابت ڳالهائڻ جو حق آهي ان تي تبصرو نه ڪنداسين، مداخلت برداشت نه ڪنداسين

والاريل ڪشمير ۾ جماعت اسلامي جي آفيسن تي ڇاپا هنيا، جماعت اسلامي والاريل ڪشمير ۾ دفترن تي ڇاپن جي مذمت ڪري ٿي

رفح ۾ اسرائيلي جارحيت جي سخت مذمت ڪريون ٿا، او آءِ سي ٻه اسرائيلي جارحيت خلاف خبردار ڪيو آهي، حملا قبول ناهي: ممتاز زهرا بلوچ

افغان انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته سرگرم دهشتگرد گروپن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، دهشتگردن جي پناهه گيرن تي خدشا آهن: ڳالهيون

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پرڏيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ جو چوڻ آهي ته پاڪستان ۾ چونڊ عمل پاڪستان جو اندروني معاملو آهي، چونڊن بابت پرڏيهي مشوري جي ضرورت ناهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان ميڊيا کي بريفنگ ڏيندي چيو ته عام چونڊن ۾ پرڏيهي مبصرن کي ٻه دعوت ڏني وئي هئي، اسان پرڏيهي مبصرن ۽ دولت مشترڪ جي مبصرن کي پليڪار ڪيون ٿا، پاڪستان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: پرڏيهي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ صحافين سان ڳالهائيندي

اين اي 242 جي پولنگ اسٽيشن تي پيچ ڊاهه حملي ڪيس ۾ رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي

اسلام آباد (اين اين آءِ) اليڪشن ڪميشن ۾ اين اي 242 جي پولنگ اسٽيشن تي پيچ ڊاهه حملي ڪيس ۾ آر او پيچ ڊاهه حملي جي ڪيس جي رپورٽ جمع ڪري ڇڏي. جنهن ۾ چيو ويو ته آر او پولنگ اسٽيشن ۾ پيچ ڊاهه جي ترديد ڪري ڇڏي. رپورٽ موجب لاڳاپيل پولنگ اسٽيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

آزاد ڪشمير اليڪشن ڪميشن علي امين گنڊاپور جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا

آزاد ڪشمير جي چونڊن ۾ ضابط اخلاق جي ڀڃڪڙي جو ڪيس ٻڌڻي هيٺ آهي: ذريعا

علي امين گنڊاپور کي 28 فيبروري تائين گرفتار ڪري پيش ڪيو وڃي: اليڪشن ڪميشن

اسلام آباد (م ڊ) آزاد ڪشمير اليڪشن ڪميشن تحريڪ انصاف جي خيبرپختونخوا لاءِ نامزد وڏي وزير علي امين گنڊاپور جا گرفتاري وارنٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پي ايس 105 تان جي ڊي اي جي اميدوار جو نتيجن جي خلاف درخواست داخل

ڪراچي (رپورٽر) جي ڊي اي جي اميدوار عرفان الله مروت صوبائي اسيمبلي جي تڪ پي ايس 105 جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

مهانگائي جو نئون طوفان، آءِ ايم ايف جي شرط تي گئس 67 سيڪڙو مهانگي

اقتصادي رابطا ڪميٽي گيس جي اگهن ۾ واڌ جي منظوري ڏني هئي، گهريلو ۽ ڪمرشل صارفين تي بار وڌندو: ذريعا

قيمتن ۾ 100 رپيا في ايم ايم بي ٽي ۽ غير محفوظ صارفين لاءِ 300 رپيا في ايم ايم بي ٽي واڌ جو امڪان آهي

يو اين ڊي پي تحت گاڏين جا اسپيئر پارٽس ۽ نوان ٽائر افغانستان ڪنٽري آفيس منتقل ڪرڻ جي به منظوري ڏئي ڇڏي

نومبر ۾ گيس جي اگهن ۾ 200 سيڪڙو اضافو ڪيو ويو آهي، نئون اضافو صنعت، ايڪسپورٽ ۽ روزگار خلاف سازش آهي

بجلي ۽ گئس جي ڳرن بلن تي سينيٽ ڪميٽي ميمبرن پاران سخت احتجاجي مظاهرو، اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ ميمبرن بجلي ۽ گئس جي اگهن ۾ واڌ تي احتجاج ڪيو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نگران وفاقي ڪابينا گئس جي اگهن ۾ واڌ جي منظوري ڏئي ڇڏي. اقتصادي رابطا ڪميٽي گذريل ڏينهن گيس جي اگهن ۾ واڌ جي منظوري ڏني هئي جنهن ۾ تجويز ڏني وئي هئي ته قيمتن ۾ واڌ سان گهريلو ۽ ڪمرشل صارفين تي بار وڌندو. گيس جي قيمتن ۾ 100 رپيا في ايم ايم بي ٽي ۽ غير محفوظ صارفين لاءِ 300 رپيا في ايم ايم بي ٽي واڌ جو امڪان آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ جاري اجلاس جو ڏيک

اليڪشن ڪميشن عون چوڌري جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن واپس وٺي ڇڏيو

سلمان اڪرم راجا جي وفاقي گادي واري شهر جي هاءِ ڪورٽ ۾ داخل درخواست جي ٻڌڻي

جي تڪ اين اي 128 تي نااليواري وڪيل سلمان اڪرم راجا هڪ لک 59 هزار کان مٿي ووٽ ڪنيا

درخواست تي فيصلو ڪرڻ کان اڳ ئي عون چوڌري جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سلمان اڪرم راجا جي وفاقي گادي واري شهر جي هاءِ ڪورٽ ۾ داخل درخواست جي ٻڌڻي دوران اليڪشن ڪميشن سندس مخالف اميدوار عون چوڌري جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن واپس وٺي ڇڏيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

عمران خان پ پ سان ڳالهين کان منع ڪئي آهي، وزيراعظم لاءِ پي ٽي آءِ جا انگ مڪمل آهن: بئرسٽر گوهر

پي ٽي آءِ جي باني پيغام ڏنو آهي ته آمريڪا وٽ غلطيون درست ڪرڻ جو موقعو آهي: پي ٽي آءِ اڳواڻ بئرسٽر سيف

پارٽي جي باني پ پ سان ڳالهين کان انڪار ڪيو، اسان جو هڪ نقطو ايجنڊا آهي ته اقتدار جي سياست نه ڪنداسين

وزيراعظم لاءِ پي ٽي آءِ جا انگ مڪمل آهن پر جنهن پارٽي 20 سيٽون کنيون ان کي مشڪل سان حڪومت ڏني پئي وڃي

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني عمران خان مطالبو ڪيو آهي ته آمريڪا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

نگران وفاقي ڪابينا سرڪوليشن جي ذريعي 2 اهم فيصلن جي منظوري ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) نگران وفاقي ڪابينا سرڪوليشن جي ذريعي 2 اهم فيصلن جي منظوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

لاهور: پي ٽي آءِ اڳواڻ بئرسٽر گوهر صحافين سان ڳالهائيندي

ڀارت ۾ چونڊ فنڊنگ سسٽم غير آئيني قرار، ختم ڪرڻ جو حڪم

نئين دهلي ۾ 7 سال پراڻي اليڪٽورل بانڊز سسٽم کي ختم ڪرڻ بابت ڪيس جي ٻڌڻي چيف جسٽس ڊي واءِ چندرچوڙ جي سربراهي ۾ 5 رڪني بئنچ ڪئي

اليڪٽورل بانڊز نالي ان نظام تحت ڪو به شخص يا ڪمپني اهي بانڊز رياست جي انتظام هيٺ اسٽيٽ بئنڪ آف انڊيا کان خريد ڪري سگهي پئي

انهن کي پنهنجي پسند جي سياسي جماعت کي سڃاڻپ ظاهر ڪرڻ کانسواءِ بنا ڪنهن حد جي پئسا ڏئي سگهي پئي

نئين دهلي (م ڊ) ڀارتي سپريم ڪورٽ 7 سالن پراڻي چونڊ فنڊنگ سسٽم کي غير آئيني قرار ڏيندي ان کي ختم ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. ڀارتي خابرو اداري موجب نئين دهلي ۾ 7 سال پراڻي اليڪٽورل بانڊز سسٽم کي ختم ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

تحريڪ انصاف جي وفد جي جي يو آءِ جي سربراهه مولانا فضل الرحمان سان ملاقات جو امڪان

قيادت جمعيت علماءِ اسلام ف جي قيادت سان رابطو ڪري ورتو، اهم معاملن تي ڳالهيون ٿينديون

جي يو آءِ، اي اين پي، جماعت اسلامي ۽ قومپرست پارٽين سڀني سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي: ذريعا

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي وفد جي جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان سان اڄ ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اهڙو فيصلو نه ڪيو آهي ته کهڙي سياسي پارٽي سان گڏ هلنداسين: اختر جان مينگل

عام چونڊن ڪانپوءِ ڪنهن به پارٽي کي اڪثريت نه ملي، اينڊڙ حڪومت لوڏن ۾ هوندي

۾ چونڊ نتيجن ڪانپوءِ احتجاج ڪندڙ چار جماعتي اتحاد ۾ اسان جي پارٽي به شامل آهي

قومي اسيمبلي جي ٽن تڪن تي چونڊ وڙهي رهيو هئس، نتيجا به راتو رات تبديل ڪيا ويا

ڪوئيٽا (م ڊ) بلوچستان جي اڳوڻي وڏي وزير بلوچستان نيشنل پارٽي جي سربراهه سردار اختر جان مينگل چيو آهي ته اهڙو فيصلو نه ڪيو آهي ته ڪهڙي سياسي پارٽي سان گڏ هلنداسين. عام چونڊن ڪانپوءِ ڪنهن به پارٽي کي اڪثريت نه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پي ٽي آءِ پاران ڪي پي ۾ تحريڪ انصاف پارليامينٽيرينز سان گڏ حڪومت ناهڻ جو فيصلو

پي ٽي آءِ پارلياماني اڳواڻن وچ ۾ خيبرپختونخواهه ۾ حڪومت سازي لاءِ به ڳالهيون ٿيون

جماعت اسلامي جي انڪار ڪانپوءِ پي ٽي آءِ پرويز خٽڪ سان گڏ هلڻ جو فيصلو ڪيو آهي: ذريعا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ خيبرپختونخواهه ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف پارليامينٽيرينز سان گڏ حڪومت ناهڻ جو فيصلو ڪيو آهي، ذريعن موجب پاڪستان تحريڪ انصاف ۽ پي ٽي آءِ پارلياماني اڳواڻن وچ ۾ خيبرپختونخواهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19



اهي چونڊ هئا ته نواز شريف کٽيو آهي، هاڻي نواز شريف ڪٽي آهي: بابر اعوان

امير مقام واري تڪ ۾ مينڊيٽ چوري جو ڪيس وڙهي نڪتو آهيان، فرشتا به ٽڪجي پيا هوندا

شريف جي هڪ پيرو حڪومت ختم ٿي ته سهولتڪاري سان بحال ٿي، هاڻي ڇهون پيرو ٽرائي ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف جي اڳواڻ بابر اعوان چيو آهي ته اهي چونڊ هوندا ته نواز شريف کٽيو آهي، هاڻي نواز شريف ڪٽي آهي، هاءِ ڪورٽ ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي بابت اعوان چيوته امير مقام واري تڪ ۾ مينڊيٽ چوري جو ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اليڪشن ڪميشن اين اي 15 مانسهره ۾ چونڊ نتيجن بابت نواز شريف جي درخواست رد ڪري ڇڏي

چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي سربراهي ۾ 2 رڪني بينچ درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

ٻڌڻي دوران ريٽرننگ آفيسر اين اي 15 مانسهره پنهنجي رپورٽ اليڪشن ڪميشن ۾ جمع ڪرائي ڇڏي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اليڪشن ڪميشن قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 15 مانسهره ۾ چونڊ نتيجن بابت نواز شريف جي چونڊ عذر واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

عمر ايوب اسان جو وزارت عظميٰ جو اميدوار هوندو، تاريخ جي بدترين چونڊون هيون: اسد قيصر

چونڊن ۾ اسان جو مينڊيٽ چوري ڪيو ويو، سمورين سياسي پارٽين سان ڳالهائڻ جو ٽاسڪ ڏنو ويو آهي

وڏي پيماني تي ڌانڌلي ڪئي وئي، اهڙي ڌانڌلي واري حڪومت کي ڪير به تسليم نه ڪندو، اسيمبلي ۾ ويهنداسين

چونڊ ڌانڌلي تي يورپ ۽ آمريڪا کي ان جي ذميواري ياد ڏياري رهيو آهي، آمريڪا جمهوري حقن جو علمبردار ۽ دعويدار آهي

راولپنڊي (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي مرڪزي اڳواڻ ۽ اڳوڻي اسپيڪر قومي اسيمبلي اسد قيصر چوڻ آهي ته عمر ايوب اسان جو وزارت عظميٰ جو اميدوار هوندو، اڊيالا جيل راولپنڊي ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي اسد قيصر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پي ٽي آءِ حڪومت اليڪٽرانڪ ووٽنگ مشين جو آئيڊيا ڪٽي آئي پر رد ڪيو ويو: ڊاڪٽر عارف علوي

چونڊ نتيجن تي سڄو ملڪ سوال اٿاري رهيو آهي، اوورسيز پاڪستانين کي ووٽ جو حق ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي

هر پاڪستاني کي هر مسئلن جو حل معلوم آهي، پر ليبرشپ جي کوٽ آهي، سائنس جو دور آهي نوجوان آئيڊيا جا ڪارخانا آهن

قومون پنڪنديون آهن ته ليڊرشپ کي اڳيان اچي رهنمائي ڪرڻ گهرجي، اشرافيه جو قبضو آهي اڌائي ڪروڙ ٻار اسڪول کان ٻاهر آهن

اسلام آباد: صدر پاڪستان عارف علوي جي صدارت هيٺ جاري اجلاس جو ڏيک

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) صدر عارف علوي سڄي ملڪ ۾ 8 فيبروري تي ٿيل عام چونڊن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

دشمن قوتن جي پاڪستان تي اک آهي، اسٽيبلشمينٽ کي نشانو بڻائڻ نيڪ ناهي: خالد مقبول صديقي

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ڪنوينر خالد مقبول صديقي چيو آهي ته هن وقت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پيچ ڊاهه ڪيس، پي ٽي آءِ باني جي عبوري ضمانت ۾ 19 فيبروري تائين واڌ

دهشتگرد ڪورٽ عدالت جي جج ارشد جاويد پي ٽي آءِ باني جي درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي

وڪيل القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ مصروف آهي، ٽيم کي دليل ڏيڻ لاءِ وڌيڪ وقت ڏنو وڃي

لاهور (رپورٽر) لاهور جي دهشتگرد ڪورٽ جي عدالت 9 مئي پيچ ڊاهه جي ڪيسن ۾ پي ٽي آءِ باني جي عبوري ضمانت ۾ واڌ ڪري ڇڏي. دهشتگرد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

وفاق ۾ حڪومت ناهڻ لاءِ سادي اڪثريت ڪنهن وٽ ناهي: خواجه سعد رفيق



سياسي ڇڪتاڻ ۽ پاڻ ۾ تلخيون گهٽائڻ لاءِ انا ضد ۽ انتقام جا بت ٽوڙڻ وڃن

سمورين پارٽين تي ٻڌل قومي حڪومت ناهڻ تي تڏي دماغ سان غور ڪيو وڃي

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ ن جي سينيئر اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير خواجه سعد رفيق چيو آهي ته وفاق ۾ حڪومت ناهڻ لاءِ سادي اڪثريت ڪنهن وٽ ناهي سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي پيغام ۾ خواجه سعد چيو ته گڏيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سنڌ هاءِ ڪورٽ حاجي ابراهيم ڳوٺ جي حد بندي جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ڳوٺ جي نالي تي انڊسٽريل پلانٽس تي قبضا ڪيا پيا وڃن: وجاهت عباس

ايس ايس پي ڪي ڊي اي آفيسرن جي تحفظ لاءِ اپاءَ وٺڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ حاجي ابراهيم ڳوٺ جي حد بندي جو حڪم ڏئي ڇڏيو. وجاهت عباس ايڊووڪيٽ موقف ڏيندي ٻڌايو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ملڪي عدالتن ۾ ٻڌڻي هيٺ ڪيسن جو انگ 22 لک 60 هزار تائين پهچي ويو

اسلام آباد (م ڊ) لا اينڊ جسٽس ڪميشن آف پاڪستان ٻڌڻي هيٺ ڪيسن جي رپورٽ جاري ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

حيدرآباد ۾ گاڏيون چوري ڪندڙ آءِ بي اي ڊگري هولڊر سرڪاري آفيسر کي گرفتار

پوليس ڪارروائي ڪندي گاڏيون چوري ڪندڙ سرڪاري آفيسر کي گرفتار ڪري ورتو

جوابدارن ڪجهه ڏينهن اڳ شهباز بلڊنگ وٽان پوليس جي موٽر سائيڪل چورائي هئي: ذريعا

حيدرآباد (رپورٽر) گاڏيون چوري ڪندڙ سرڪاري آفيسر کي گرفتار ڪيو ويو. جوابدار 2 سال اڳ بزنس ايڊمنسٽريشن جي تعليم مڪمل ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اين اي 55 راولپنڊي جي نتيجن بابت ڌانڌلي جا الزام لڳائيندڙ ثبوت پيش ڪن: چيف اليڪشن ڪمشنر

چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ خيبرپختونخواهه جي ميمبر اڪرام الله خان ڪيس جي ٻڌڻي دوران عملدار پيش ٿيا

اليڪشن ڪميشن درخواست ٻڌڻ جوڳي قرار نه ڏيندي رد ڪري ڇڏي معاملو اليڪشن ٽربيونل ڏانهن موڪلڻ جي تجويز

ثبوت اليڪشن ڪميشن وٽ آهي، فارم 45 ڪولي ڏسي وٺو سڀ ڪجهه ظاهر ٿي ويندو: وڪيل بشارت راجا جو موقف

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اين اي 55 راولپنڊي جي نتيجن بابت درخواست تي ٻڌڻي دوران چيف اليڪشن ڪمشنر چيو آهي ته ڌانڌلي جا الزام لڳائيندڙ ثبوت به پيش ڪن. چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ خيبرپختونخواهه جي ميمبر اڪرام الله /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: پي ٽي آءِ ڪارڪن ڌانڌلين خلاف احتجاج ڪندي

مظاهر نقوي خلاف سپريم جوڊيشل ڪائونسل ۾ شڪايت معاملي تي خواجا حارث پاران مدد کان معذرت

شڪايت واري عدالتي مددگار خواجا حارث سپريم جوڊيشل ڪائونسل جي مدد ڪرڻ کان معذرت ڪري ڇڏي

وڪالت نامو جسٽس مظاهر نقوي جي جج ٿيڻ تائين ئي هو، جيڪو رد ٿي چڪو آهي: عدالتي مددگار خواجا حارث

سپريم ڪورٽ جي عافيا شهر بانو ڪيس جي فيصلي جو انتظار ڪنداسين، چيف جسٽس فائز عيسيٰ جا رمارڪس

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ جي اڳوڻي جج مظاهر نقوي خلاف سپريم جوڊيشل ڪائونسل ۾ شڪايت واري معاملي تي عدالتي مددگار خواجا حارث سپريم جوڊيشل ڪائونسل جي وڌيڪ مدد ڪرڻ کان معذرت ڪري ڇڏي. چيف جسٽس

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اين اي 163 جي نتيجن خلاف درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ڇڏيو

هي عدالت بهاولنگر جي ريٽرننگ آفيسر کي ڪيئن طلب ڪري سگهي ٿي؟ چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ

مان حقيقتون عدالت ۾ رکڻ چاهيان ٿو 98 ووٽ حاصل ڪيا، ٻئي نمبر تي ن ليگ جو اميدوار آيو: شوڪت بسرا

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ شوڪت بسرا جي اين اي 163 جي چونڊ نتيجن جي خلاف درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو. ٻڌڻي جسٽس عامر فاروق ڪئي. شوڪت بسرا چيو ته مان الله کي حاضر ناظر ڄاڻي چوان ته جيڪو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اسلام آباد: چيئرمين پاڪستان علماءِ ڪائونسل پريس ڪانفرنس ڪندي

سعودي عرب جي حڪومت ملڪ ۾ داخل ٿيڻ جي خواهشمندن جي پاسپورٽ جو مدو گهٽ ۾ گهٽ 6 مهيني لازمي هجڻ قرار ڏئي ڇڏيو

رياض (م ڊ) سعودي عرب جي حڪومت ملڪ ۾ داخل ٿيڻ جي خواهشمندن جي پاسپورٽ جو مدو گهٽ ۾ گهٽ 6 مهيني لازمي هجڻ قرار ڏئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

تحريڪ انصاف اڳواڻ حليم عادل شيخ کي رليز آرڊر ڪانپوءِ سينٽرل جيل مان آزاد

پي ٽي آءِ اڳواڻ حليم عادل شيخ مجموعي طور تي 5 مهينن کان وڌيڪ عرصو جيل ۾ رهيو

پي ٽي آءِ اڳواڻ حليم عادل شيخ تي زمينن تي قبضي، 9 مئي حملن ۽ پوليس تي حملي جا الزام آهن

ڪراچي (م ڊ) تحريڪ انصاف اڳواڻ حليم عادل شيخ کي رليز آرڊر ڪانپوءِ سينٽرل جيل مان آزاد ڪيو ويو حليم عادل شيخ مجموعي طور تي 5 مهينن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ملڪ ۾ مسلسل ٻئي ڏينهن رپئي جو اگهه گهٽيو ۽ ڊالر جي اگهه ۾ واڌ ٿي آهي: اسٽيٽ بئنڪ

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ ۾ مسلسل ٻئي ڏينهن رپئي جو اگهه گهٽيو ۽ ڊالر جي اگهه ۾ واڌ ٿي آهي. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان موجب انٽر بئنڪ ۾ ڪاروبار جي پڄاڻي تي ڊالر 6 پئسا مهانگو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

راولپنڊي: وفاقي وزير ڊاڪٽر گوهر اعجاز جي صدارت هيٺ جاري اجلاس جو ڏيک

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران گمر شخص جون تصويرون سوشل ميڊيا تي شايع ڪرڻ جو حڪم

بينچ 3 سالن کان گم سنڌ پوليس جي اهلڪار جي بازيابي جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ 3 سالن کان گم سنڌ پوليس جي اهلڪار جي بازيابي بابت درخواست تي پوليس آفيسرن کي جاچ آفيسرن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

گهوٽڪي جي تڪ پي ايس 18 جي ٻن پولنگ اسٽيشن تي فائرنگ، علائقي ۾ هراس

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي جي تڪ پي ايس 18 جي ٻن پولنگ اسٽيشن تي فائرنگ، علائقي خوف هراس پکڙجي ويو پي ايس 18 جي پولنگ اسٽيشنز نمبر 161 علي مراد ڪلهوڙو ۽ پولنگ اسٽيشنز نمبر 162 چاڪر خان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

پاڪستان لاءِ کيڏڻ کان انڪار، حارث رئوف جو سينٽرل ڪانٽريڪٽ ختم

فاسٽ باولر جو سينٽرل ڪانٽريڪٽ پهرين ڊسمبر 2023ع کان ختم ڪيو ويو

حارث پنهنجي دفاع جو ڀرپور موقعو ڏنو ويو پر هو ڪو به تسلي بخش جواب نه ڏئي سگهيو

لاهور (م ڊ) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ (پي سي بي) فاسٽ باولر حارث رئوف جو سينٽرل ڪانٽريڪٽ ختم ڪري ڇڏيو آهي. پي سي بي طرفان جاري ڪيل ٻڌائي موجب، اهو فيصلو آسٽريليا دوري لاءِ پاڪستان جي ٽيسٽ اسڪواڊ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ميرپورخاص پرسان ٽنڊو جان محمد لڳ ڪاڪڙ اسٽاپ تي مين روڊ تي حادثو، 2 ڄڻا فوت

آئل ٽينڪر ۽ ڪاروچ ۾ آمهون سامهون ٽڪر جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا ٿڏي تي فوت ٿي ويا

حادثي ۾ نواب شاهه واسي ميڊيڪل ريپ 2 ڄڻا محمد احسن ۽ محمد اسد ٿڏي تي فوت

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص پرسان ٽنڊو جان محمد لڳ ڪاڪڙ اسٽاپ تي مين روڊ تي آئل ٽينڪر ۽ ڪاروچ ۾ تيز رفتاري سبب آمهون سامهون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

اڳوڻي ڊي جي نيب شهزاد سليم تي 11 مارچ تي فرد جرم لاڳو ڪيو ويندو

ايڊيشنل سيشن جج سهيل شيخ اڳوڻي ڊي جي نيب تي فرد جرم لاڳو ڪرڻ جو فيصلو

عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي شهزاد سليم تي ذاتي حيثيت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد (م ڊ) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽس اسلام آباد طيبه گل پاران داخل هتڪ عزت ڪيس ۾ اڳوڻي ڊي جي نيب شهزاد سليم تي 11 مارچ تي فرد جرم لاڳو ڪيو ويندو. ايڊيشنل سيشن جج سهيل شيخ جي عدالت ۾ درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

جماعت اسلامي چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ ٻين خلاف توهين عدالت جي درخواست داخل ڪرائي ڇڏي

توهين عدالت جي درخواست صوبائي اسيمبلي اميدوارن، عثمان فاروق ايڊووڪيٽ معرفت داخل ڪرائي

درخواست ڏيندڙن ۾ جنيد مڪاتي، وجيهه الحسن، نصرت الله، محمد احمد ۽ محمد اڪبر شامل آهن

چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان فيصلي جي توهين ڪندي ڪاميابي جا نوٽيفڪيشن جاري ڪيا

ڪراچي (رپورٽر+ م ڊ) جماعت اسلامي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ ٻين خلاف توهين عدالت جي درخواست داخل ڪرائي ڇڏي. توهين عدالت جي درخواست صوبائي اسيمبلي اميدوارن، عثمان فاروق ايڊووڪيٽ معرفت داخل ڪرائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 35

ڪراچي: رانديگرن ۾ مهمان خاص جي حيثيت سان قانون ۽ انساني حقن وارو صوبائي وزير عمر سومرو پڻ انعام ورهايا

پاڪستان ليگل يونائيٽيڊ سوسائٽي ۽ مسلم چيئرٽي جي صدر پاران ٻارن وچ ۾ ڪرڪيٽ ميچ منعقد

رانديگرن ۾ مهمان خاص جي حيثيت سان قانون ۽ انساني حقن وارو صوبائي وزير عمر سومرو پڻ انعام ورهايا

جيل ۾ ليگل ايڊ پلس پاران هلندڙ ميڊيڪل، نفسيات ڪمپيوٽر، پلمبرنگ ۽ ٽيلرنگ جي ڪلاسز جو پڻ دورو ڪيو

غريب جي ٻار کي به ضمانت نه ٿي ملي، اسان سڀ ذميوار آهيون، ڪيترائي ٻار قيدي اڃا تائين جيلن ۾ آهن: عمر سومرو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان ليگل يونائيٽيڊ سوسائٽي ۽ مسلم چيئرٽي جي صدر پاران ڪراچي سينٽرل ٻارن جي جيل ۾ قيد ٻارن وچ ۾ ڪرڪيٽ ميچ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ فاتح ٽيم شاهين اليون جي رانديگرن ۾ مهمان خاص جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 34

ملڪيت لاءِ پڻي جورت اڇوتي ويو، پاءُ جي ملڪيت تي قبضو ڪرڻ لاءِ پائٽين سان دشمني

پريالو جي رهواسي عبدالرئوف عرف محمد، پاءُ عبدالڪريم عرف ڪاشف شيخ سان احتجاج ڪيو

اسان جي والد عبدالرزاق شيخ جي وفات کان پوءِ پڻي ملڪيت جي لالچ ۾ انڌي ٿي وئي آهي: پائٽيا

پريالو ٿاڻي پوليس رپورٽ داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي جوابدارن اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) ملڪيت لاءِ پڻي جورت اڇوتي ويو مقتول پاءُ جي ملڪيت تي قبضو ڪرڻ لاءِ يتيم پائٽين جو جاني دشمن بڻجي ويو پٽن ۽ ڌوهارين جي مدد سان پائٽين تي قاتلاڻو حملو، يتيم پائٽين جو احتجاج ناني جائيداد خلاف اسان جي پيءُ جي محنت آهي، پڻي بنا جواز شور مچائي سنڌس ۽ اسان جي عزت کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، اختيارين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سکر: متاثر رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊي ڄام ويجهو ٽنڊوعالم آئل فيلڊ وٽ ڪاري سائي جي علاج واري مفت ڪئمپ قائم

ٽنڊوڄام (رپورٽر) ٽنڊي ڄام ويجهو ٽنڊوعالم آئل فيلڊ وٽ ڪاري سائي جي علاج واري مفت ڪئمپ لڳائي وئي، جنهن ۾ ٽنڊوعالم، ٽنڊوفضل، رڊ، بهاول زئنور ۽ ٻين هنڌن جي رهواسين ڪئمپ ۾ پهچي طبي چڪاس ڪرائي، ڪئمپ جو افتتاح ريجنل ڪوآرڊينيٽر زاهد علي مهيسر، ٽنڊو عالم فيلڊ مينيجر عبدالستار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

08 فيبروري جي چونڊن ۾ ٿيندڙ بدترين ڌانڌلي ماضي جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا: نعيم الرحمان

حيدرآباد ۾ جي ڊي اي طرفان چونڊ ڌانڌلين خلاف جمعي تي لڳل ڌرڻي جي حمايت جو اعلان ڪيون ٿا

ڪي پي مان غير ملڪي شهري جو چونڊن ۾ ڪامياب ٿيڻ ادارن جي ڪارڪردگي تي سواليه نشان لڳائي ڇڏيو

اسلام آباد ۾ اليڪشن ڪميشن آفيس آڏو احتجاج ڪري چونڊ نتيجن ۾ ٿيل گهوٻين جا ثبوت جمع ڪرايا ويندا

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) 15 فيبروري 2024 جماعت اسلامي سنڌ حيدرآباد ۾ جي ڊي اي طرفان چونڊ ڌانڌلين خلاف جمعي تي لڳل ڌرڻي جي حمايت جو اعلان ڪندي چيو آهي ته 08 فيبروري جي چونڊن ۾ ٿيندڙ بدترين ڌانڌلي ماضي جا سڀئي رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن، جماعت اسلامي ظلم خلاف هر مظلوم سان گڏ بيٺل آهي، جي ڊي اي ڌرڻي ۾ ڪراچي جو امير حافظ نعيم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪنڌڪوٽ ۾ پوليس جو ٽنگواڻي جي ڪچي جي علائقي ۾ آپريشن جاري، تمام رستا بند

ضلعي پوليس ڀلڪاڻي ۽ پيو گينگ جي خلاف آپريشن ۾ ڪچي جا تمام رستا بند ڪري ڇڏيا

ڪچي ۾ ڪجهه ماڻهو گرفتار ڪيا ويا آهن، وڏي سرچنگ جاري آهي: ايس ايس پي ڪشمور جون ڳالهيون

ڪنڌ ڪوٽ (رپورٽر جنيد غالب بلوچ) ڪنڌڪوٽ: پوليس جو ٽنگواڻي جي ڪچي جي علائقي ۾ ريت آپريشن ڪنڌ ڪوٽ پوليس: ٺهاڻو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

پرامن ضلعو ٺٽو هن وقت مڪمل بدامني ۽ ڌوهن جي ورچڙهيل آهي: جلال شاهه

شعبان علي سمون کان 7 فيبروري تي ڏينهن ڏٺي ٺٽي شهر مان 21 لک روپيه ڦريا ويا

گٽڪا، ماوا، چرس، آئيس، شراب، جوا آڪڙا، غير قانوني ايراني تيل جو ڪاروبار عام ٿي ويو آهي

بهتر نه ٿيڻ جي صورت ۾ 26 فيبروري کان پوءِ ٻيهر ايس ايس پي آفيس ٺٽو آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) سنڌ ترقي پسند پارٽي ٺٽي ضلعي جي صدر سيد جلال شاهه ـ ناٿو خان بروهي، جميل سمون، حيدر شورو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٺٽي ۽ مڪلي شهر سميت سموري ضلعي ۾ گهڻي وقت کان جاري بدامني، چورين ۽ ڦرن خلاف ٺٽو مڪلي بائي پاس تي ڌرڻو هڻي احتجاج ڪيو ويو، انهي موقعي تي سنڌ ترقي پسند پارٽي جي ضلعي صدر سيد جلال شاهه ۽ ٻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪڪڙ ويجهو ڳوٺ علي بخش جوڻيجو ۾ عبدالعزيز جوڻيجو جو ٽيجهو ٿي گذريو

ڪڪڙ رپورٽ (رپورٽر) ڪڪڙ ويجهو ڳوٺ علي بخش جوڻيجو ۾ عبدالعزيز جوڻيجو جو ٽيجهو ٿي گذريو، وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهر شخصيتن پهچي تعزيتون ڪري ڏک ونڊيو خبر موجب: ڪڪڙ ويجهو ڳوٺ علي بخش جوڻيجو واسي پي ايس 80 خيرپورناٿن شاهه جي چونڊيل ايم پي اي عبدالعزيز جوڻيجو جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سکر سول اسپتال ۾ ايم ايس سميت هيٺين اسٽاف جو ناروا سلوڪ، سموريون گاڏيون ناڪاره بڻيل

1122 ايمبولينس سروس شروع ٿيڻ کان پوءِ اسپتال جون سموريون گاڏيون ناڪاره بڻيل آهن: ذريعا

سرڪاري سول اسپتال سکر انتظامي نااهلي سبب غريب ۽ بي پهچ مريضن لاءِ ڪوس گهر بڻيل آهي

شهرين بيقاعدگين جو نوٽيس وٺي موجودا ايم ايس کي هٽائي بيقاعدگين جي جاچ ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سول اسپتال سکر ۾ علاج لاءِ ايندڙ مريضن سان ايم ايس سميت هيٺين اسٽاف جو ناروا سلوڪ 1122 ايمبولينس سروس شروع ٿيڻ کان پوءِ اسپتال جون سموريون گاڏيون ناڪاره بڻيل صفائي نظام به درهم برهم ڪروڙين رپين جون سرڪاري دوائون غريبن لاءِ اڻلڀ صحتيابي لاءِ آيل مريض وڌيڪ بيمارين جي ورچڙهي موت جو ڪاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽنڊو محمد خان ويجهو گلاب لغاري ٿاڻي جي حد ۾ هيرپٽڻ تان منع ڪرڻ تي جهيڙو

هيرپٽڻ تان منع ڪرڻ نوجوان تي ڳوٺ علي بخش ٽنگڙي جي رهواسين پاران حملو ڪيو ويو

نوجوان پاران گهرڀاتين سميت احتجاجي مظاهرو، مون کي بااثرن مان جان جو خطرو آهي: الطاف ٽنگڙي

مارڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون اٿن ڪي جان جو خطرو آهي مون سان انصاف ڪري مون کي تحفظ مهيا ڪيو وڃي

ٽنڊو محمد خان (ڊر اير علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ويجهو گلاب لغاري ٿاڻي جي حد ۾ هير پٽڻ تان منع ڪرڻ نوجوان تي ڳوٺ علي بخش ٽنگڙي جي رهواسين پاران حملو مارڪٽ نوجوان پاران گهر ڀاتين سميت احتجاج مون کي بااثرن مان جان جو خطرو آهي نوجوان ايس ايس پي بدين ايس ايڇ او گلاب لغاري تحفظ فراهم ڪن خبر موجب ٽنڊو محمد خان ويجهو گلاب لغاري ٿاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڪوٽڏيجي پرسان بيدردي سان قتل ٿي ويل علي رضا حاجاڻو جي واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو

خيرپور ميرس (رپورٽر) خيرپور ڪوٽڏيجي پرسان بيدردي سان قتل ٿي ويل علي رضا حاجاڻو جي قتل ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيا، جڏهن ته جي ڊي اي جي صوبائي اڳواڻ مير شاهنواز خان ٽالپر ۽ اڳوڻي ٽائون ڪميٽي ڪوٽڏيجي جي چيئرمين مير ڏنل خان ٽالپر ڳوٺ علي خان حاجاڻو ۾ مرحوم جي وارثن وٽ پهچي تعزيت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٽنڊومحمدخان: متاثر رهواسي دانهيندي

خانپور جي ڪچي ۾ چوري معاملي تان مصراڻي ۽ بداڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ قتل

بداڻي برادري جي ماڻهن مٿان اڳواٽ لڪي ويٺل مصراڻي برادري جي هٿيارٻندن پاران فائرنگ ڪئي

فائرنگ ۾ نتيجي ۾ بداڻي برادري جو هڪ ڄڻو علي حسن بداڻي موقعي تي گوليون لڳڻ سبب قتل ٿي ويو

پيو ولد اقبال بداڻي سخت زخمي ٿي پيو آهي، واقعي بعد ٻنهي ڌرين جا ماڻهون مورچا بند ٿي ويٺل آهن: ذريعا

خانپور (رپورٽ عتيق ابڙو) خانپور جي ڪچي ۾ براڻي چوري جي معاملي تان مصراڻي ۽ بداڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، رڪشي تي واپس ڳوٺ ڏانهن ويندڙ بداڻي برادري جي ماڻهن مٿان اڳواٽ لڪي ويٺل مصراڻي برادري جي هٿيارٻندن جي فائرنگ، علي حسن بداڻي موقعي تي قتل ٿي ويو، پيو پٽ اقبال بداڻي زخمي ٿي پيو، واقعي بعد ٻنهي ڌرين ۾ ڇڪتاڻ وڌي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ميونسپل ڪاميٽي نوشهروفيروز جي وارڊ 15 ۾ اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيڻ تي مبارڪون جاري

سردار راجا خان تڳر، شاهنواز خان تڳر، ماجد علي تڳر، امجد تڳر جامي، سيٺ ايوب تڳر ڳوٺن جو دورو ڪيو

شاهنواز تڳر، گلڻ خان تڳر ۽ تڳر برادري جي 20 کان وڌيڪ ڳوٺن پهچي اتان جي اڳواڻن جو شڪريو ادا ڪيو

راجا خان تڳر قربان علي تڳر ماجد علي تڳر امجد جامي تڳر دين محمد تڳر تي هڪ ڪاميٽي جوڙي وئي: اڳواڻ

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) عام چونڊن کان پوءِ ميونسپل ڪاميٽي نوشهرو فيروز جي وارڊ 15 ۾ اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيڻ بعد برادر جي مانوارن اڳواڻن پاران برادري جي اڳواڻن سردار راجا خان تڳر، شاهنواز خان تڳر، ماجد علي تڳر، امجد تڳر جامي، سيٺ ايوب تڳر جي اڳواڻي ۾ برادر جي ڳوٺن جمن خان تڳر، ڏڳاڻو خان تڳر، نورنگ تڳر، خالد ٻير، ڳوٺ ڊوراڻي جهوڙائي ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوشهروفيروز پيپلز اسڪول ۾ ايل ٽي ايس پاڪستان پاران شاگردن کي انعام تقسيم

نوشهروفيروز (د ر) نوشهروفيروز پيپلز اسڪول ۾ ايل ٽي ايس پاڪستان پاران انگلش جي ٽيسٽ ۾ پوزيشنون ماڻيندڙ مختلف سرڪاري توڙي خانگي اسڪولن جي شاگردن کي انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا تعلقي پريا ۽ نوشهروفيروز جي اسڪولن سان تعلق رکندڙ شاگردن جي گذريل مهيني ٽيسٽ ورتي وئي هئي جن کي اڄ ايوارڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نوشهروفيروز: ميونسپل ڪاميٽي نوشهروفيروز جي وارڊ 15 ۾ اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيڻ جي مبارڪون ڏنيون پيون وڃن

مانجهند ۽ سن ۾ پراسرار بيماري ۾ 4 ڏينهن ۾ 4 ٻارڙا فوت، گهرن ۾ ڪهرام

ڳوٺ قمبر علي خاصخيلي ۾ پراسرار وائرس ڦهلجڻ سبب مانجهند واسي ٻارڙا فوت ٿي ويا

پسند علي پٽ اياز خاصخيلي 2 مهينن جو ريحان علي پٽ قربان علي 3 مهينن جي نينگري مقدس فوت

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند ۽ سن ۾ پراسرار بيماري ۾ 4 ڏينهن ۾ 4 ٻارڙا فوت ڪيترائي بيمار صحت کاتو اگهور ننڊ ۾ ستل تفصيل موجب مانجهند ۽ سن پرسان ڳوٺ قمبر علي خاصخيلي ۾ پراسرار وائرس ڦهلجڻ سبب مانجهند /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

بدين ڊسٽرڪٽ وٽرنري آفيسر ڊاڪٽر حسين بخش ٿهيم وفات ڪري ويو

ڊاڪٽر حسين بخش ٿهيم دماغي رڳ ڦاٽي وڃڻ سبب ڪيس انڊس اسپتال آندو ويو

جنازي ۾ چونڊيل نمائندن شهرين وٽرنري ڊاڪٽرن صحافين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ڊسٽرڪٽ وٽرنري آفيسر ڊاڪٽر حسين بخش ٿهيم دماغي رڳ ڦاٽي وڃڻ سبب وفات ڪري ويو سان اچانڪ طبيعت خراب ٿيڻ کان پوءِ ڪيس انڊس اسپتال آندو ويو جتان حالت ڳنڀير جو ڳي هجڻ ڪان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

انٽر اسڪول ٽيبل ٽينس چيمپيئن شپ 2024 بوائز ۽ گرلز مقابلا گورنمينٽ ۾ منعقد

گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مخدوم ابوالحسن ٺٽوي مڪلي اسپورٽس ڪامپليڪس ٺٽو ۾ منعقد

نوجوان نسل رانديون کان پري ٿي رهيو آهي، صلاحيتن کي رانديون ذريعي ترقي ڪئي وئي آهي: بشارت الياس

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) انٽر اسڪول ٽيبل ٽينس چيمپيئن شپ 2024 بوائز ۽ گرلز مقابلا گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مخدوم ابوالحسن ٺٽوي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٺٽو: شاگردن ۾ ٽرافيون ورهايون ويون آهن

بدين شهر ۾ ٺڳ پيٽرول پمپ تان انوکي نموني چار لک چوري ڪري فرار ٿي ويا

ٺيل پرائڻ آيل جوڙي پيشاب ڪرڻ جي بهاني سان ملازمن کان باٿ روم جي چابي ورتي

مرد آفيس ۾ پيل چار لک روپيا ٽيبل جي خاني ۾ ڪيڏي آفيس مان نڪري فرار ٿي ويا: عملو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين شهر ۾ ٺڳ پيٽرول پمپ تان چار لک چوري ڪري فرار ٿي ويا تفصيل موجب بدين شهر ۾ ٽپيدار اسماعيل ميمڻ جي پيٽرول پمپ تي هڪ گاڏي ۾ زال مڙس سڏائي ٺيل پرائڻ آيل جوڙي پيشاب ڪرڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺوڻ ديرو اسپتال ۾ سگا شاخ ٺوڻ ديرو پاران زاهد حسين ڪٽپر جي ياد ۾ ڪئمپ لڳائي وئي

سگا جي اڳوڻي سرگرم ورڪر زاهد حسين ڪٽپر جي ياد ۾ 21 هين مفت اکين جي ڪئمپ لڳائي وئي

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهڙو، ڊاڪٽر محمد خان شيخ، ڊاڪٽر عبدالواحد ٽڳڙ، ڊاڪٽر عبدالمجيد ٻليدائي شريڪ

ٺوڻ ديرو (رپورٽ شاد محمود پٺو) ٺوڻ ديرو اسپتال ۾ سگا شاخ ٺوڻ ديرو پاران سگا جي اڳوڻي سرگرم ورڪر زاهد حسين ڪٽپر جي ياد ۾ 21 هين مفت اکين جي ڪئمپ لڳائي وئي جنهن جي افتتاحي تقريب ۾ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

دادو ۾ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد جي رهواسين پاران جوابدارن خلاف احتجاجي مظاهرو

مسمات رفعت سولنگي علي رضا سولنگي قدير سولنگي عبدالحميد بوزدار احتجاج ڪيو

مڪ پيرل سولنگي جي چوڻ تي بااثر اسان جي مٿان ڪوڙا ڪيس ۽ ڊراما ڪري رهيا آهن: الزام

دادو (ن سنڌيار) دادو اي سيڪشن ٿاڻي جي حد جي رهواسين مسمات رفعت سولنگي علي رضا سولنگي قدير سولنگي عبدالحميد بوزدار دادو پريس ڪلب پهچي ميڊيا اڳيان ڏانهيون ته 3 سال اڳ قائم نگر ڪالوني ۾ مٽي تان جهيڙي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

دادو پريس ڪلب جي صحافي حبدار علي پير جو پائٽيو عبدالعزيز پير وفات ڪري ويو

پريس ڪلب جي سينيئر صحافي غوث علي جهتيال، لياقت علي ملڪ ۽ ٻين پاران تعزيت

نديم پير، عمران پير، آصف پير، روشن پير، ذوالفقار پير، الطاف پير، سردار برڪت پير، انور پير ڏک ونڊيو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو پريس ڪلب جي صحافي حبدار علي پير جو پائٽيو عبدالعزيز پير وفات ڪري ويو، ڏکي تي عذرخواهي جو سلسلو جاري، ان موقعي تي صحافي حبدار علي پير سان دادو پريس ڪلب جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڦلجي وليج پرسان ڳوٺ ڪوٽ باجو ۾ تڪرار تان ٻن ڄڻن جي قتل جا جوابدار گرفتار نه ٿيا

محمد حسن قمبراڻي، عجيبان ۽ مسمات حميده قمبراڻي جي اڳواڻي ۾ مردن ۽ عورتن مظاهرو ڪيو

رشتيدارن رمضان ۽ ذوالفقار کي قتل ڪيو ويو هو، 3 ڏينهن کانپوءِ اسان جي گهر کي باهه ڏئي ساڙيو ويو: اڳواڻ

دادو (ن سنڌيار) ڦلجي وليج پرسان ڳوٺ ڪوٽ باجو ۾ پلاٽ جي تڪرار تان ٻن ڄڻن جي قتل ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيا، وارثن دادو ۾ احتجاج ڪري ڌرڻو هنيو محمد حسن قمبراڻي، عجيبان ۽ مسمات حميده قمبراڻي جي اڳواڻي ۾ مردن، عورتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ايس ايس پي بدين پاران ماتلي ٿاڻي تي پوليس آفيسرن ۽ جوانن سان گڏجاڻي

امان برقرار رکڻ، ڌوهارين ۽ منشيات فروشن خلاف ڪارروايون تيز ڪرڻ جا حڪم جاري

ڪيس جو هر زاويي کان جائزو وٺڻ ۽ ڪيسن کي بنا دير حل ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ايس ايس پي بدين مير روحيل خان کوسو پاران ماتلي ٿاڻي تي پوليس آفيسرن ۽ جوانن سان گڏجاڻي، ماتلي سميت ضلع ۾ امن امان برقرار رکڻ، ڌوهارين ۽ منشيات فروشن خلاف ڪارروايون تيز ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا خبر موجب ايس ايس پي بدين مير روحيل خان کوسو پوليس اسٽيشن ماتلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ايس ايس پي بدين پاران ماتلي ٿاڻي تي پوليس آفيسرن ۽ جوانن سان گڏجاڻي ڪئي

ٽنڊو محمد خان ۾ اڳوڻي رٽائرڊ ادب ذوق ايجوڪيشن آفيسر جي مان ۾ الوداعي تقريب

علم دوست تعليم لاءِ جاکوڙيندڙ جي اعزاز سان ڪيس ڪارڪردگي جي تاحيات شيلڊ ڏني وئي

پهريون ڀيرو ڀهراڙي جي اسڪولن ۾ ٿيل آئي بي اي جي ڀرتي کانپوءِ بند پيل 95 اسڪول کولرايا: اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان (ڊر اير علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ اڳوڻي رٽائرڊ ادب ذوق ايجوڪيشن آفيسر سيد اڪبر شاهه کي ڏنل الوداعي تقريب ۾ سنڌس علم لاءِ ڪيل خدمتن جاکوڙ تي ڪيس علم دوست تعليم لاءِ جاکوڙيندڙ جي اعزاز سان ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سکر ۾ 6 ارب روپين جي رقم سان تعمير هيلٿ ڪيئر انسٽيٽيوٽ سينٽر جو الحاق ختم

سول اسپتال سکر سان ختم ڪري ڳچهه ڳوهه ۾ ڪورنگي ۾ قائم چائلڊ اسپتال سان ڪيو ويو

غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج جا شاگرد ڪلينيڪل جاب کان محروم، اختياريون خاموش تماشائي

سائڪالاجي، ڪارڊيالاجي، پيڊس ميڊيسن، پيڊس سرجري ۽ پيڪونيڪو سرجري جا شعبا قائم ڪيا ويا

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ غيرملڪي فنڊنگ سان 6 ارب روپين جي ڪثير رقم سان 27 ايڪڙن تي تعمير ٿيل سکر چائلڊ هيلٿ ڪيئر انسٽيٽيوٽ سينٽر جو الحاق ٽيچنگ سول اسپتال سکر سان ختم ڪري ڳچهه ڳوهه ۾ ڪورنگي ۾ قائم چائلڊ اسپتال سان ڪيو ويو، غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج جا شاگرد ڪلينيڪل جاب کان محروم. سکر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

متياري ۾ سروي دوران انجنيئرن پاران رشوت عيوض نالا داخل ڪرڻ جو انڪشاف

متياري (رپورٽر) متياري ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ سنڌ حڪومت جي سهڪار سان نجي اين جي اوز پاران برسات متاثرن جي گهرن کي ٺاهڻ لاءِ سروي دوران بااثر شخص نبي بخش عمراڻي پاران ڳوٺاڻن کان 5000 في گهر رشوت گهرڻ ۽ نه ڏيڻ تي گار گند ڪرڻ تي ڳوٺاڻن جو احتجاج ڪيو ويو تفصيل موجب تازو برساتن ۾ ٿيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

دادو ضلعي هيڊ ڪوارٽر جي شهر دادو سميت ڇهن ئي تعلقن ۾ فلٽر پلانٽ فعال نه ٿيا

ٽي ارب جا 17 فلٽر پلانٽ فعال نه ٿي سگهيا دادو ضلعي ۾ پيئڻ جي پاڻي جو بحران وڌي ويو

سنڪيو مليل پاڻي واپرائڻ سبب بيماريون پکڙجڻ باوجود انتظاميا ڪو تحرڪ نه ورتو آهي: رهواسي

شهباز ڪالوني، هائوسنگ سوسائٽي، سومرا ڪالوني، مرڪپور، ٽي بي اسپتال ڪالوني، ۽ ٻين علائقن ۾ ڪوٽ

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ضلعي هيڊ ڪوارٽر جي شهر دادو سميت ضلعي جي ڇهن ئي تعلقن ميهڙ کي اين. جوهي ۽ دادو ۾ مبينا 3 ارب روپين کان وڌيڪ رقم جا 17 فلٽر پلانٽ فعال نه ٿي سگهيا دادو ضلعي ۾ پيئڻ جي پاڻي جو بحران وڌي ويو، دادو جي شهرين جو چوڻ آهي ته هتان جا دڪاندار ۽ سهري گڏه گاڏن ۽ رڪشائن تان پيسن تي پاڻي پرائڻ تي مجبور آهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز ۾ آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونين فيڊريشن سنڌ جو جنرل سيڪريٽري قتل

اقبال احمد لاڙڪ پنهنجي پٽ آصف لاڙڪ ۽ پائٽيي عبدالغفار لاڙڪ سان گڏ پٿسا ڪيرايا

اسڪارپ آفيس لتو ۽ ڪار ڪجهه پنڌ اڳتي هلي ته موٽرسائيڪل سوار ڦورن ڪار جو گهيرو ڪيو

نوشهروفيروز (ڊر) آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونين فيڊريشن سنڌ جو جنرل سيڪريٽري اقبال احمد لاڙڪ ڦورن جي فائرنگ ۾ قتل ٿي ويو پڌايو ويو رڃي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٺٽي ۾ جيئي سنڌ محاذ ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جي اڳواڻن پاران احتجاجي مظاهرو

اسپتالون پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ تحت مرف اين جي او حوالي ڪرڻ کانپوءِ مظاهرو ڪيو ويو

نااهل انچارج ملڪ آدم جي اچڻ بعد نظام ۾ بهتري اچڻ بجاءِ اسپتالن جو ٻيڙو غرق ٿي ويو آهي: اڳواڻ

اسپتال جي ايمرجنسي ۾ ايندڙ هر سيريس مريض جو علاج ڪرڻ بجاءِ ڪيس ڪراچي ريفر ڪيو وڃي ٿو: ڳالهيون

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) جيئي سنڌ محاذ ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جي اڳواڻ امجد شورو ـ روال ڪرناڻي ۽ باغي فرهاد ميمڻ جي قيادت ۾ سنڌ حڪومت جي صحت کاتي پاران ٺٽي جون سرڪاري اسپتالون پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ تحت مرف اين جي او حوالي ڪرڻ کانپوءِ مرف جي خراب ڪارڪردگي خلاف ڊي سي آفس اڳيان احتجاج اڳواڻن جو چوڻ هو ته جڏهن کان ٺٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٺٽي ۾ جيئي سنڌ محاذ ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جي اڳواڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

پڊعيدن ٽائون جي رهواسي محمد حسين شر پاران ٽپيدار جي زيادتين خلاف احتجاج

پڊعيدن (رپورٽر) پڊعيدن ٽائون جي رهواسي محمد حسين شر جو پنهنجي پٽن سان گڏ ديهه پڊعيدن جي ٽپيدار عبداللطيف مري جي ناجائزين ۽ جڳهه جي فردي جي ڳوڙي رشوت وٺڻ ۽ هڪ سال کان مٿي ٽائيم ٿي ويو آهي داخلا نه ڏيڻ جي خلاف نيشنل پريس ڪلب پڊعيدن اڳيان احتجاج ان موقعي تي محمد حسين شر ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

خيرپور جي علائقي ڪوٽڏيجي پرسان ڪوٽ بنگلو ۾ قتل ٿيل نينگر جي جوابدارن خلاف احتجاج

نينگر علي رضا حاجاڻو جي قتل واقعي خلاف دادو ۾ سماجي تنظيم پاران احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو

هيومن رائيٽس ڪائونسل دادو پاران تنظيم جي سڏ تي شهري ۽ سول سوسائٽي جا ماڻهن مظاهرو ڪيو

علي رضا حاجاڻو جي قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي وائکو ڪري انهن کي سزائون ڏنيون وڃن: مظاهرين

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) خيرپور ميرس ضلع جي علائقي ڪوٽڏيجي پرسان ڪوٽ بنگلو ۾ قتل ٿيل معصوم نينگر علي رضا حاجاڻو جي قتل واقعي خلاف دادو ۾ سماجي تنظيم پاران احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو. ڪوٽ بنگلو ۾ بيدردي سان قتل ڪيل معصوم نينگر علي رضا حاجاڻو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مظاهرين جن جو تعلق يونائيٽيڊ هيومن رائيٽس ڪائونسل پاڪستان ضلع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

عوام سختين ۽ حرين جي باوجود پي ٽي آءِ کي ڪامياب ڪرايو آهي: ايڊووڪيٽ صفيه بلوچ

ڪرپشن فري نئين پاڪستان جي مشن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ پي ٽي آءِ سربراهه سان گڏ بيٺا آهن

عمران خان ۽ ٻين اڳواڻن جي ڪيل فيصلن جي ڀرپور آجيان ڪيون ٿا ۽ فيصلن کي قبول ڪنداسين

پارٽي جي مشن، عوامي حقن ۽ خوشحالي لاءِ پارٽي قيادت جي هر حڪم جي تعميل ڪئي ويندي

سکر (رپورٽ، امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان تحريڪ انصاف ليڊيز ونگ سنڌ جي اڳواڻ ۽ نامور سماجي شخصيت ايڊووڪيٽ صفيه بلوچ چيو آهي ته پاڪستان جي باشعور عوام مختلف سختين ۽ حرين جي باوجود تحريڪ انصاف جي اميدوارن کي ڪامياب ڪرائي مخالفن کي هڪ ڀيرو ٻيهر واضح ثبوت ڏئي ڇڏيو آهي ته سنڌ ۾ تبديلي جو سلسلو جاري آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سکر: ايڊووڪيٽ صفيه بلوچ جي صدارت هيٺ جاري گڏجاڻي جو ڏيک

شاگردن کي جديد تعليم جي گهرجن کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهيون: فتح محمد مري

خيرپور ميرس (رپورٽر) سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي جي شاگردن کي جديد تعليم جي گهرجن کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهيون. هاءِ ڪرر ليٽسٽ ليپ ٽاپ ذريعي شاگرد ۽ شاگرديائيون نيشنل ۽ گلوبل سطح جي تعليم آساني سان حاصل ڪري ملڪ جو نالو روشن ڪندا: ڊاڪٽر فتح محمد مري وائيس چانسلر. خبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

دودو سومرو جو يوم تاسيس ۽ ميلو لڳائڻ تان سومرا برادري ورهائجي وئي، الڳ الڳ درخواستون داخل

معاملي تي برادري جي نيڪ مردن جي وچ ۾ پوڻ کانپوءِ ٻنهي ڌرين الڳ الڳ تاريخن تي ميلو لڳائڻ تي راضپو ظاهر

شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن ۽ سومرا اتحاد پاران دودو سومرو جو ميلو فيبروري ۾ لڳائڻ جو اعلان ڪيو ويو

شهيد دودو سومرو جو ميلو هر سال جيان هن سال 24 فيبروري کان 26 فيبروري 2024 تي لڳايو ويندو: برادري اڳواڻ

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) قديم سنڌ جي حڪمران شهيد دودو سومرو جو يوم تاسيس ۽ ساليانو ميلو لڳائڻ تان سومرا برادري ٻن حصن ۾ ورهائجي ويئي برادري جي نيڪ مردن جي وچ ۾ پوڻ کانپوءِ ٻنهي ڌرين الڳ الڳ تاريخن تي ميلو لڳائڻ ۽ يوم تاسيس منعقد ڪرڻ تي راضي ٿي ويا ۽ ٻنهي ڌرين ڊي سي بدين کي الڳ الڳ درخواستون ڏئي ڇڏيون شهيد دودو سومرو ويلفيئر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

شڪارپور پوليس جي ڪامياب ڪارروائي، شراب جي فراهمي جي ڪوشش ناڪام، 3 گرفتار

ايس ايس پي ڊاڪٽر محمد عمران خان جي منشيات خلاف ايڪشن جي حڪم تي پوليس ڇاپو هنيو

پوليس عائد مهر لاڙي ويجهو ڪارروائي ڪندي شراب اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور پوليس جي ڪامياب ڪارروائي، شراب جي فراهمي جي ڪوشش ناڪام. 168 شراب جون بوتلون هٿ. 3 جوابدار گرفتار، ڪيس داخل، ايس ايس پي شڪارپور ڊاڪٽر محمد عمران خان جي منشيات شراب جي خلاف ايڪشن جي حڪم تي لکي غلام شاهه پوليس ڪامياب ڪارروائي ڪئي، پوليس موجب ايس ايڇ او ٿاڻي لکي غلام شاهه مير محمد سومرو اسٽاف سميت قومي شاهراهه نزد عائد مهر لاڙي ويجهو ڪامياب ڪارروائي ڪندي شراب اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي، ڪارروائي ڳجهي اطلاع تي شراب اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش تي ڪئي وئي. 3 جوابدار رڪشي تي منشيات 168 منشيات شراب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

شڪارپور پوليس جي ڪامياب ڪارروائي، شراب جي فراهمي جي ڪوشش ناڪام، 3 گرفتار ڪيا ويا آهن

سوڀوديرو لڳ ڳوٺ وزير ڄامڙو جو رهواسي 22 ورهين جو نوجوان روڊ حادثي ۾ فوت

(رانيپور رپورٽر) سوڀوديرو لڳ ڳوٺ وزير ڄامڙو جو رهواسي 22 ورهن جو نوجوان راشد علي ولد قربان علي ڄامڙو گلگت کان واپس پنهنجي ڳوٺ وزير ڄامڙو ايندي گمبٽ بائي پاس تي ڪوچ مان لهي پنهنجي ڳوٺ جي رهواسي غفار ڄامڙو سان گڏ روڊ ڪراس ڪري رهيو هيو ته تيز رفتار ڪوچ جو ٽڪر لڳڻ سبب پٽي چٽا سخت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چنديگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمع 16 فيبروري 2024ع

ها سنڌ ۾ غربت آهي....

ها، سنڌ ۾ غربت آهي. سنڌ ۾ رڳو معاشي لحاظ کان ئي غربت نه پر سنڌ ۾ اخلاقي لحاظ کان به غربت آهي. سنڌ رڳو معاشي لحاظ کان ئي ڏيوالپڻي جو شڪار نه آهي پر سنڌ اخلاقي ڏيوالپڻي جو پڻ شڪار ٿي چڪي آهي. ڪيڏانهن ويا اهي اعليٰ قدر، جيڪي سنڌ جي سڃاڻپ هئا؟ ڪيڏانهن ويون اهي روشن روايتون، جيڪي سنڌ جو فخر جوڳو اثاثو ڳڻيون وينديون هيون؟ تاريخ ۾ ڪنهن 'صوفياڻي سنڌ' جو ذڪر به هوندو هو، اها قديم صوفياڻي سنڌ ته بربريت جي جهنگ ۾ وڃائجي وئي آهي. سنڌ ۾ ڪاسائيڪي ڪار روز جو معمول بڻجندي وڃي. هن ساٽيهه ۾ هي راڪشس ڪٿان آيا. جن ڌرتيءَ جو ڪينواس ئي رتو ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪينواس تي هڪڙو رنگ ئي غالب آهي ۽ اهو آهي رت جو رنگ! هتي نه ڪنهن جي عزت جو تحفظ آهي ۽ نه ئي وري حياتي محفوظ آهي. جنهن ڌرتيءَ تي ٻکي مارڻ به پاپ سمجهيو ويندو هو، اتي معصوم ٻارڙا ڪٺا پيا وڃن! اهڙي ئي هڪ دل ڪي ڏوڏيندڙ واردات ڪونڊيجيءَ مان پڻ رپورٽ ٿي آهي، جتي جي ڳوٺ علي بخش حاجاڻي مان ستن سالن جي گم ٿيل ٻارڙي علي رضا حاجاڻي جو ڳلو ڪپيل لاش فصل مان مليو آهي. ٻارڙو 9 ڏينهن اڳ ۾ گم ٿي ويو هو. ميڊيڪل رپورٽ موجب، لاش به ڏينهن پراڻو آهي.

پلا ان حقيقت تي ڪير ويساهه ڪندو ته اسان ان قديم تهذيب جا وارث آهيون، جيڪا ايتري ته امن پسند هئي، جو ان تهذيب جي وڏي شهر جي کوٽائيءَ مان زرعي ڪم ڪار جي اوزارن ڪانسواءِ ڪو به هٿيار نه مليو آهي. ڪير چوندو ته اسان ان ئي ساٽيهه جا واسي آهيون، جنهن ساٽيهه جي مها ڪويءَ عالمگير امن جو پيغام ڏنو! ڀٽائيءَ جي ڀونءِ تان "عالم سڀ آباد ڪرين" واري پيغام کي هاڻوڪي سنڌ ڪيئن پئي ڏني؟ عالمي امن ته پري جي ڳالهه، هن ديس واسين خود سنڌ کي جهنگ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اهڙو جهنگ، جتي سماج جا ڪمزور پرت محفوظ ناهن! ٻارڙا معصوم هوندا آهن. ستن سالن جي ٻارڙي جي ڀلا ڪنهن سان دشمني ۽ عداوت ٿي سگهي ٿي، جنهن کي کهي ان کان جيئڻ جو حق کسيو ويو آهي! جاڻايل ٻارڙو 9 ڏينهن اڳ گم ٿي ويو هو. جڏهن ته ڊاڪٽرن جي رپورٽ موجب لاش به ڏينهن پراڻو آهي. جنهن مان اها ڳالهه ڇٽي ٿي سامهون اچي ٿي ته ٻار ستن ڏينهن تائين زنده هو پر ان کي ڪٿي رکيو ويو؟ ڪهڙي حالت ۾ رهيو؟ ڪنهن وٽ هو؟ ٻارڙي جي جيڪڏهن وقت سر ڳولا ٿئي ها، ايف آءِ آر ڪٽرائي وڃي ها ته ڇا ٻارڙي تائين پهچڻ ممڪن نه هو؟ توڙي جو هي جديد ٽيڪنالاجيءَ جو دور آهي ۽ جاچ جي جديد طريقن سان قاتل تائين پهچي سگهجي ٿو پر هتي اها ڳالهه مشاهدي ۾ ايندي رهي آهي ته پوليس جديد سائنسي انداز سان جاچ ڪرڻ بدران سهل پسنديءَ جو مظاهرو ڪندي جاچ جا روايتي طريقا اختيار ڪندي آهي. جنهن جي ڪري ڏوهارين تائين پهچڻ جو امڪان گهٽ هوندو آهي.

اسان جي ملڪ ۾ ٻارڙن جي حقن ۽ تحفظ جي حوالي سان قانون سازي ته ٿيل آهي پر انهن تي عمل نه ٿو ڪيو وڃي. ٻارڙن جي حقن لاءِ جاکوڙڻ جون دعويدار ڪيترين ئي تنظيمن ڏيهي توڙي پرڏيهي فنڊنگ جي آڪسيجن تي ٽڪي رهيون آهن پر انهن جو ڪم پنج ستاره هوٽلن جي عاليشان هالن کان ٻاهر نڪري نه سگهيو آهي، جتي شعلا بياني جا جوهر ڏيکاريا ويندا آهن ۽ لفظن جي فضول خرچي ڪئي ويندي آهي. پر جيڪڏهن انهن تنظيمن جي مجموعي ڪردار کي ڏسجي ته اها ڳالهه سامهون اچي ٿي ته اڪثر تنظيمن جو سڄو زور ٻارڙن جي حقن جي تحفظ جي حوالي سان رپورٽون ٺاهڻ تي هوندو آهي ته جيئن اهي دنيا ۾ پاڻ کي فعال ڄڻائي سگهن پر انهن جو عملي ڪردار ٻنهه گهٽ ٿو نظر اچي.

توڙي جو پوليس فرانزڪ تجزيي لاءِ جاءِ واردات تان سيمپل ته ورتا ويا آهن، جنهن سان قاتلن تائين پهچڻ ۾ آساني ٿيندي پر جاچ صرف ايستائين ئي محدود نه هجڻ گهرجي. جديد ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال سان قاتلن تائين رسائي هن جديد دور ۾ مشڪل نه رهي آهي. ان ڪري اسان سنڌ حڪومت کي اها صلاح ڏيڻ جي ضرورت ٿا محسوس ڪريون ته تجربيڪار پوليس آفيسرن ۽ ٽيڪنالاجي جي ماهرن تي ٻڌل جاچ ٽيم جوڙي قاتلن کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي.

اي ڪوٽ ڏيجي جا قلعا تُون گواهه رهجانءِ .!

امر راءِ سنگهه راجپوت

آمريڪا ۽ ان جي اتحادين طرفان ممڪنه طور تي يمن تي جنگ مڙهڻ جا سانباها ٿي رهيا آهن. يمن تي هوائي حملا ڏاول ٿي ٿي رهيا آهن، مگر هاڻي ان کي وسيع ڪرڻ ۽ يمن کي بين ملڪن وانگر مڪمل تباهه ڪرڻ لاءِ منصوبابندي ٿي رهي آهي، جنهن جو سبب ڳاڙهي سمنڊ منجهان گذرندڙ انهن واپاري ٻيڙن تي حملا ڪرڻ آهي، جيڪي ٻيڙا اسرائيل، آمريڪا ۽ برطانيه سان لاڳاپا رکن ٿا يا جيڪي ٻيڙا اهو رستو اختيار ڪري اسرائيل تائين پهچن ٿا. هن وقت يمن ۾ حوثين جو ڪنٽرول آهي، جيڪي يمن مان ڳاڙهي سمنڊ اندر اسرائيل، آمريڪا ۽ ان جي اتحادين جي مفادن تي حملا ڪري رهيا آهن. يمن طرفان اهي حملا ان وقت شروع ڪيا ويا، جڏهن اسرائيل غزا تي هوائي حملا شروع ڪيا. ان ڪان پوءِ يمن پنهنجي ملڪ مان اسرائيل تي ڊرون ۽ ميزائيل حملا پڻ ڪيا پر اهي اسرائيل تائين پهچڻ ڪان اول ئي هوا ۾ آمريڪا طرفان ناڪام ڪيا ويا. هن وقت تائين ڳاڙهي سمنڊ ۾ يمن طرفان ننڍا وڏا هڪ سئو جي لڳ ڀڳ حملا ڪيا ويا پر انهن حملن کي آمريڪا طرفان ٽارگيٽ تائين پهچڻ کان اول ئي هوا ۾ ختم ڪيا ويا پر پوءِ به 27 حملا پنهنجي ٽارگيٽ تي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. جنهن سان واپاري ٻيڙن جو شديد نقصان ٿيو. انٽرنيشنل ميري ٽائيم آرگنائيزيشن جي مطابق گذريل سال جي مقابلي ۾ ڊسمبر ۽ جنوري ۾ هن سال 50 سيڪڙو واپاري ٻيڙن جي دنيا جي هن اهم ترين آبي گذرگاهه تان روانگي ۾ گهٽتائي آئي آهي. جنهن جو ڪارڻ يمن جي حوثي ويڙهاڪن طرفان حملا ٻڌايا پيا وڃن.

زميني طور ان علائقو جو جائزو وٺبو ته اوڀرندي پاسي کان سعودي عرب جي 1800 ڪلوميٽر ڪان به وڌيڪ ساموندي ٻٽي ملي ٿي، جڏهن ته اپرندي پاسي کان بيو ملڪ يمن آهي، جنهن جي ساموندي پٽي 450 ڪلوميٽرن تائين ڳاڙهي سمنڊ کي ڇهي ٿي، جيڪو هن وقت آمريڪا سميت پوري دنيا لاءِ پريشاني جو سبب بڻيل آهي. جڏهن ته اولهندي پاسي کان مصر 1900 ڪلوميٽر، سوڊان 600 ڪلوميٽر، ايريٽيريا 200 ڪلوميٽر ۽ جيبوتي ملڪ 300 ڪلوميٽرن تائين هن سمنڊ سان ڳنڍيل آهن. هي سمنڊ ايشيا ۽ آفريڪا کنڊ کي به الڳ ڪري ٿو هنن ملڪن کان سواءِ اردن سان 24 ڪلوميٽر ۽ اسرائيل سان 12 ڪلوميٽرن جي ننڍي پٽي پڻ ملي ٿي، جيڪا اسرائيل جي بندرگاهه واري شهر علات سان پڻ ڳنڍجي ٿي. اسرائيل کي 3 وڏا بندرگاهه آهن، جيڪي ۽ اتر واري پاسي رومي سمنڊ (ميڊيٽرين سي) تي واقع آهن، جڏهن ته هڪ بندرگاهه علات شهر ۾ واقع آهي جيڪا 12 ڪلوميٽر واري ڳاڙهي سمنڊ جي پٽي تي واقع آهي.

ڳاڙهي سمنڊ مان پوري دنيا جو 12 سيڪڙو واپاري ٻيڙا هن رستي تان گذرندا آهن، جنهن ۾ سعودي عرب، مصر، متحده عرب امارتون، اردن ۽ اسرائيل مکيه ملڪ آهن. انهن ملڪن جي 30 کان 40 سيڪڙو ملڪي معاشيات هن رستي سان منسلڪ آهي. اگر هن علائقي ۾ ڪا به رنڊڪ پيش اچي ٿي ته ان جو سڌو اثر انهن ملڪن جي معاشي ڍانچي تي پوندو. ٻيو اهم نقطو اهو به آهي ته هي سمنڊ دنيا جي ٽن کنڊن ايشيا، آفريڪا ۽ يورپ کي سمنڊ جي ذريعي پاڻ ۾ ملائي ٿو.

يمن جا حوثي ويڙهاڪ جيڪي ملڪ جي گادي واري شهر ثعنا سميت پوري اولهندي پاسي (ڳاڙهي سمنڊ واري پاسي) مڪمل طور قابض آهن ۽ پوري ملڪ جي آبادي ۾ بين قبيلن جي مقابلي ۾ حوثين جو تعداد وڌيڪ آهي، جيڪو پوري ملڪ جي آبادي جو 40 سيڪڙو آهن. حوثي تحريڪ 1980 ۾ حسين الحوثي جي قيادت ۾ شروع ٿي ۽ 1990 ڪان منظر طور يمن اندر سعودي عرب نواز حڪومت خلاف ڪاروايون ڪري رهي آهي. حوثي تحريڪ جا مکيه مقصد يمن اندر حوثي جي حڪومت قائم ڪرڻ، پاڙيسري ملڪ سعودي عرب جي ملڪ اندر سياسي مداخلت کي ختم ڪرڻ، ايران سان پنهنجا لاڳاپا وڃها ڪرڻ، اسرائيل خلاف سخت رويو رکڻ، ملڪ اندر مخصوص اسلامي طرز جي حڪومت قائم ڪرڻ سميت وڏ کان وڏ فوجي طاقت حاصل ڪرڻ آهي. 2000 سال ۾ حوثين طرفان ثعنا ۾ قائم سعودي عرب نواز حڪومت خلاف جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو .2004 ۾ حسين الحوثي جي مارجي وڃڻ ڪان پوءِ حوثي تحريڪ جي سياسي ۽ عسڪري شاخن جو اڳواڻ ان جو ڀاءُ عبدالمالڪ الحوثي جي حوالي ٿيو، جنهن پنهنجي وقت ۾ ايران سان لاڳاپن ۾ اضافو ڪيو ۽ پنهنجي تحريڪ جي عسڪري شاخ کي ايران جي مدد سان جديد ڪيو جيڪو 2014 ۾ سعودي عرب نواز حڪومت کي يمن جي گادي واري شهر ثعنا مان ٻي دخل ڪري ان تي قبضو ڪري ورتو. ان مسئلي ڪان پوءِ سعودي عرب 34 مسلمان ملڪن تي مشتمل هڪ فوجي اتحاد قائم ڪري يمن اندر حوثين خلاف هوائي ۽ زميني حملا شروع ڪيا. جيڪا مسلسل 6 سالن تائين وڙهي وئي، جنهن ۾ حوثين جو ڪافي نقصان ٿيو پر ان سان گڏوگڏ حوثين پڻ سعودي عرب جو به ڪافي نقصان ڪيو جنهن ۾ ڀيريون دفعو سعودي عرب جي يمن واري سرحد جي ويجهي شهرن تي ڊرون حملا ڪيا. حوثين طرفان مارچ 2022 ۾ سعودي عرب تي خطرناڪ ۽ شديد حملو آرامڪو تيل ۽ گيس جي ڊيپو سميت ٻين تنصيبات ڪيو ويو جنهن سان سعودي عرب جو تمام گهڻو معاشي نقصان ٿيو ۽ آرامڪو ڊيپو مان تيل جي پيداوار هڪ مهيني لاءِ معطل ٿي وئي. ان شديد حملي ڪان پوءِ سعودي عرب حوثين سان جنگ کي ختم ڪرڻ لاءِ چين سان بيڪ ڊور ڊپلوميسي شروع ڪئي. ان ڪان پوءِ چين ان مسئلي جو وچ ۾ اچي ڪري اپريل 2023 ۾ مستقل امن ڪرائي ڇڏيو ان معاهدي تحت سعودي عرب يمن ۾ مداخلت ختم ڪندو، يمن ۾ سعودي عرب نواز قبيلن کي اڳتي هلي حڪومت ۾ حصيداري پڻ ڏني ويندي ۽ اهو به طئي ٿيو ته حوثين جي خلاف سعودي عرب جي زمين استعمال نه ٿيندي.

هاڻي اگر ان جنگ ۾ سعودي عرب آمريڪا کي پنهنجا فوجي اڏا يا ڪنهن به قسم جي ڪا لاجسٽڪ مدد فراهم ڪري ٿو ته يقينن حوثي ويڙهاڪ سعودي عرب تي سڌا حملا شروع ڪري ڇڏيندا. جيڪا سعودي ۽ يمن امن معاهدي جي ڀڃڪڙي تصور ڪئي ويندي. هڪ دفعو ٻيهر آمريڪا جا خوني ويڙهاڪ جهاز يمن کي نيست نابوت ڪرڻ لاءِ هڪ اشاري جو انتظار ڪري رهيا آهن. جنهن سان هڪ خطرناڪ جنگ شروع ٿي ويندي ۽ يمن معاشي طور 50 سال پوئتي هليو ويندو. پر اڳتي هلي عراق، افغانستان جنگ وانگر آمريڪا ڳالهيون ڪري پنهنجي جند آجي ڪرائڻي پوندي. چوڻ هوائي حملن سان آمريڪا کي پنهنجا مقصد ڪڏهين به حاصل نه ٿي سگهندا ۽ زميني فوج کي شايد آمريڪا يمن اندر نه لاهي سگهي. پر تيستائين طاقت جي نشي ۾ ڏت پنهنجي اهم اتحادي اسرائيل کي بچائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندو. اگر آمريڪا جي ان جنگ ۾ عرب ملڪن به ساٿ ڏنو ته پوءِ پورو خطو هڪ دفعو ٻيهر هڪ ڌماڪي تائين جنگ جي شعلن سان پڙڪي اٿندو ۽ معصوم ۽ بيگناهه شهري ان شعلن جو ڪاج بڻجندا.

ٿي ۽ 1990 ڪان منظر طور يمن اندر سعودي عرب نواز حڪومت خلاف ڪاروايون ڪري رهي آهي. حوثي تحريڪ جا مکيه مقصد يمن اندر حوثي جي حڪومت قائم ڪرڻ، پاڙيسري ملڪ سعودي عرب جي ملڪ اندر سياسي مداخلت کي ختم ڪرڻ، ايران سان پنهنجا لاڳاپا وڃها ڪرڻ، اسرائيل خلاف سخت رويو رکڻ، ملڪ اندر مخصوص اسلامي طرز جي حڪومت قائم ڪرڻ سميت وڏ کان وڏ فوجي طاقت حاصل ڪرڻ آهي. 2000 سال ۾ حوثين طرفان ثعنا ۾ قائم سعودي عرب نواز حڪومت خلاف جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو .2004 ۾ حسين الحوثي جي مارجي وڃڻ ڪان پوءِ حوثي تحريڪ جي سياسي ۽ عسڪري شاخن جو اڳواڻ ان جو ڀاءُ عبدالمالڪ الحوثي جي حوالي ٿيو، جنهن پنهنجي وقت ۾ ايران سان لاڳاپن ۾ اضافو ڪيو ۽ پنهنجي تحريڪ جي عسڪري شاخ کي ايران جي مدد سان جديد ڪيو جيڪو 2014 ۾ سعودي عرب نواز حڪومت کي يمن جي گادي واري شهر ثعنا مان ٻي دخل ڪري ان تي قبضو ڪري ورتو. ان مسئلي ڪان پوءِ سعودي عرب 34 مسلمان ملڪن تي مشتمل هڪ فوجي اتحاد قائم ڪري يمن اندر حوثين خلاف هوائي ۽ زميني حملا شروع ڪيا. جيڪا مسلسل 6 سالن تائين وڙهي وئي، جنهن ۾ حوثين جو ڪافي نقصان ٿيو پر ان سان گڏوگڏ حوثين پڻ سعودي عرب جو به ڪافي نقصان ڪيو جنهن ۾ ڀيريون دفعو سعودي عرب جي يمن واري سرحد جي ويجهي شهرن تي ڊرون حملا ڪيا. حوثين طرفان مارچ 2022 ۾ سعودي عرب تي خطرناڪ ۽ شديد حملو آرامڪو تيل ۽ گيس جي ڊيپو سميت ٻين تنصيبات ڪيو ويو جنهن سان سعودي عرب جو تمام گهڻو معاشي نقصان ٿيو ۽ آرامڪو ڊيپو مان تيل جي پيداوار هڪ مهيني لاءِ معطل ٿي وئي. ان شديد حملي ڪان پوءِ سعودي عرب حوثين سان جنگ کي ختم ڪرڻ لاءِ چين سان بيڪ ڊور ڊپلوميسي شروع ڪئي. ان ڪان پوءِ چين ان مسئلي جو وچ ۾ اچي ڪري اپريل 2023 ۾ مستقل امن ڪرائي ڇڏيو ان معاهدي تحت سعودي عرب يمن ۾ مداخلت ختم ڪندو، يمن ۾ سعودي عرب نواز قبيلن کي اڳتي هلي حڪومت ۾ حصيداري پڻ ڏني ويندي ۽ اهو به طئي ٿيو ته حوثين جي خلاف سعودي عرب جي زمين استعمال نه ٿيندي.
هاڻي اگر ان جنگ ۾ سعودي عرب آمريڪا کي پنهنجا فوجي اڏا يا ڪنهن به قسم جي ڪا لاجسٽڪ مدد فراهم ڪري ٿو ته يقينن حوثي ويڙهاڪ سعودي عرب تي سڌا حملا شروع ڪري ڇڏيندا. جيڪا سعودي ۽ يمن امن معاهدي جي ڀڃڪڙي تصور ڪئي ويندي. هڪ دفعو ٻيهر آمريڪا جا خوني ويڙهاڪ جهاز يمن کي نيست نابوت ڪرڻ لاءِ هڪ اشاري جو انتظار ڪري رهيا آهن. جنهن سان هڪ خطرناڪ جنگ شروع ٿي ويندي ۽ يمن معاشي طور 50 سال پوئتي هليو ويندو. پر اڳتي هلي عراق، افغانستان جنگ وانگر آمريڪا ڳالهيون ڪري پنهنجي جند آجي ڪرائڻي پوندي. چوڻ هوائي حملن سان آمريڪا کي پنهنجا مقصد ڪڏهين به حاصل نه ٿي سگهندا ۽ زميني فوج کي شايد آمريڪا يمن اندر نه لاهي سگهي. پر تيستائين طاقت جي نشي ۾ ڏت پنهنجي اهم اتحادي اسرائيل کي بچائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندو. اگر آمريڪا جي ان جنگ ۾ عرب ملڪن به ساٿ ڏنو ته پوءِ پورو خطو هڪ دفعو ٻيهر هڪ ڌماڪي تائين جنگ جي شعلن سان پڙڪي اٿندو ۽ معصوم ۽ بيگناهه شهري ان شعلن جو ڪاج بڻجندا.
يمن جا حوثي ويڙهاڪ جيڪي ملڪ جي گادي واري شهر ثعنا سميت پوري اولهندي پاسي (ڳاڙهي سمنڊ واري پاسي) مڪمل طور قابض آهن ۽ پوري ملڪ جي آبادي ۾
بين قبيلن جي مقابلي ۾ حوثين جو تعداد وڌيڪ آهي، جيڪو پوري ملڪ جي آبادي جو 40 سيڪڙو آهن. حوثي تحريڪ 1980 ۾ حسين الحوثي جي قيادت ۾ شروع ٿي ۽ 1990 ڪان منظر طور يمن اندر سعودي عرب نواز حڪومت خلاف ڪاروايون ڪري رهي آهي. حوثي تحريڪ جا مکيه مقصد يمن اندر حوثي جي حڪومت قائم ڪرڻ، پاڙيسري ملڪ سعودي عرب جي ملڪ اندر سياسي مداخلت کي ختم ڪرڻ، ايران سان پنهنجا لاڳاپا وڃها ڪرڻ، اسرائيل خلاف سخت رويو رکڻ، ملڪ اندر مخصوص اسلامي طرز جي حڪومت قائم ڪرڻ سميت وڏ کان وڏ فوجي طاقت حاصل ڪرڻ آهي. 2000 سال ۾ حوثين طرفان ثعنا ۾ قائم سعودي عرب نواز حڪومت خلاف جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو .2004 ۾ حسين الحوثي جي مارجي وڃڻ ڪان پوءِ حوثي تحريڪ جي سياسي ۽ عسڪري شاخن جو اڳواڻ ان جو ڀاءُ عبدالمالڪ الحوثي جي حوالي ٿيو، جنهن پنهنجي وقت ۾ ايران سان لاڳاپن ۾ اضافو ڪيو ۽ پنهنجي تحريڪ جي عسڪري شاخ کي ايران جي مدد سان جديد ڪيو جيڪو 2014 ۾ سعودي عرب نواز حڪومت کي يمن جي گادي واري شهر ثعنا مان ٻي دخل ڪري ان تي قبضو ڪري ورتو. ان مسئلي ڪان پوءِ سعودي عرب 34 مسلمان ملڪن تي مشتمل هڪ فوجي اتحاد قائم ڪري يمن اندر حوثين خلاف هوائي ۽ زميني حملا شروع ڪيا. جيڪا مسلسل 6 سالن تائين وڙهي وئي، جنهن ۾ حوثين جو ڪافي نقصان ٿيو پر ان سان گڏوگڏ حوثين پڻ سعودي عرب جو به ڪافي نقصان ڪيو جنهن ۾ ڀيريون دفعو سعودي عرب جي يمن واري سرحد جي ويجهي شهرن تي ڊرون حملا ڪيا. حوثين طرفان مارچ 2022 ۾ سعودي عرب تي خطرناڪ ۽ شديد حملو آرامڪو تيل ۽ گيس جي ڊيپو سميت ٻين تنصيبات ڪيو ويو جنهن سان سعودي عرب جو تمام گهڻو معاشي نقصان ٿيو ۽ آرامڪو ڊيپو مان تيل جي پيداوار هڪ مهيني لاءِ معطل ٿي وئي. ان شديد حملي ڪان پوءِ سعودي عرب حوثين سان جنگ کي ختم ڪرڻ لاءِ چين سان بيڪ ڊور ڊپلوميسي شروع ڪئي. ان ڪان پوءِ چين ان مسئلي جو وچ ۾ اچي ڪري اپريل 2023 ۾ مستقل امن ڪرائي ڇڏيو ان معاهدي تحت سعودي عرب يمن ۾ مداخلت ختم ڪندو، يمن ۾ سعودي عرب نواز قبيلن کي اڳتي هلي حڪومت ۾ حصيداري پڻ ڏني ويندي ۽ اهو به طئي ٿيو ته حوثين جي خلاف سعودي عرب جي زمين استعمال نه ٿيندي.
هاڻي اگر ان جنگ ۾ سعودي عرب آمريڪا کي پنهنجا فوجي اڏا يا ڪنهن به قسم جي ڪا لاجسٽڪ مدد فراهم ڪري ٿو ته يقينن حوثي ويڙهاڪ سعودي عرب تي سڌا حملا شروع ڪري ڇڏيندا. جيڪا سعودي ۽ يمن امن معاهدي جي ڀڃڪڙي تصور ڪئي ويندي. هڪ دفعو ٻيهر آمريڪا جا خوني ويڙهاڪ جهاز يمن کي نيست نابوت ڪرڻ لاءِ هڪ اشاري جو انتظار ڪري رهيا آهن. جنهن سان هڪ خطرناڪ جنگ شروع ٿي ويندي ۽ يمن معاشي طور 50 سال پوئتي هليو ويندو. پر اڳتي هلي عراق، افغانستان جنگ وانگر آمريڪا ڳالهيون ڪري پنهنجي جند آجي ڪرائڻي پوندي. چوڻ هوائي حملن سان آمريڪا کي پنهنجا مقصد ڪڏهين به حاصل نه ٿي سگهندا ۽ زميني فوج کي شايد آمريڪا يمن اندر نه لاهي سگهي. پر تيستائين طاقت جي نشي ۾ ڏت پنهنجي اهم اتحادي اسرائيل کي بچائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندو. اگر آمريڪا جي ان جنگ ۾ عرب ملڪن به ساٿ ڏنو ته پوءِ پورو خطو هڪ دفعو ٻيهر هڪ ڌماڪي تائين جنگ جي شعلن سان پڙڪي اٿندو ۽ معصوم ۽ بيگناهه شهري ان شعلن جو ڪاج بڻجندا.

صوفِي سالم سي ويا، جي اَڪثر سين اَڏيارَ:
بـــازي بـــازِنــدنِ ڪــي، آهـــي اَويســـارَ:
پِريا سيـن پـهـڪـارَ، رِنـدِيءَ رَساڻي ڪـيـا.

ڌانڌلي جو اعتراف!

غلام حسين لغاري

تازين عام چونڊن کي چيف اليڪشن ڪمشنر صاف ۽ شفاف قرار ڏئي چڪو آهي جڏهن ته پ پ پ پنهنجي ڪالهوڪي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي اجلاس ۾ پڻ ڌانڌلين جو اعتراف ڪندي سياسي پارٽين سان حڪومت سازي بابت ڳالهين ڪرڻ لاءِ ڪاميٽين جوڙڻ جو فيصلو ڪيو آهي پر اجلاس ۾ پ پ پ ميمبرن جي اڪثريت ان ڳالهه جي حامي آهي ته پ پ پ اڪثريت نه ملڻ جي صورت ۾ مخالف ڌر جو ڪردار ادا ڪري. پ پ پ ڌانڌلين جو ته اعتراف ڪيو آهي پر ان تي ڪنهن به قسم جو ڪو به ردعمل ظاهر ناهي ڪيو البته حڪومت ٺاهڻ لاءِ پريشان آهي. جماعت اسلامي جي امير مولانا سراج الحق ۽ پاڪستان استحڪام پارٽي جي چيئرمن پنهنجي شڪست تسليم ڪندي پارٽي جي سربراهي ۽ سياست ڇڏڻ جو اعلان ڪيو آهي جڏهن ته ن ليگ ۽ قومي متحده موومينٽ صرف به پارٽيون آهن جن چونڊن کي صاف ۽ شفاف قرار ڏيندي نتيجا قبول ڪيا آهن.

مسلم ليگ فنڪشنل ۽ جي ڊي اي جي سربراهه پير صاحب پاڳاري اتحاد جي اڳواڻن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي نه صرف عام چونڊن ۾ ڌانڌلي ڪرڻ جا الزام مڙهيا آهن پر جيڪي به سيٽون کٽيون آهن سي واپس ڪرڻ جو اعلان ڪندي جمع ڏينهن حيدرآباد باءِ پاس تي تاريخي ڌرڻي ۽ احتجاج ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي جنهن سان اقتداري ايوانن ۾ هڪ قسم جو ٽرٿلو پيدا ٿي چڪو آهي جيتوڻيڪ پير صاحب يقين ڏياريو آهي ته ڌرڻو پرامن هوندو پٿو به ڪرندو. هن ڌرڻي ۾ جي ڊي اي ۽ قومپرست پارٽين جا اڳواڻ ڪارڪن ۽ حر شريڪ ٿيندا. هن ڌرڻي کي سنڌ واسي ۽ قومي سطح تي ڏٺو پيو وڃي. اهو ڌرڻو جيڪڏهن مطالبن جي مڃتا تائين ڊيگهه ٿو وٺي ۽ پير صاحب پاڳارو خود اڳواڻي ڪري ٿو ته لازمي آ صورتحال ڳنڀير ٿي سگهي ٿي جيڪا ملڪ لاءِ ڳڻتي جوڳي هوندي ۽ امڪان آهن ته اقتداري ايوان انجو نوٽيس وٺن ۽ ڪي فيصلا ڪن يا قدم کڻن. عوامي راءِ اها آهي ته ملڪ جنهن ماحول ۾ جڪڙجي پيو آهي ان مان شايد ئي نڪري سگهي سواءِ ٻيهر چونڊن ڪرائڻ جي جنهن لاءِ وڏي اڪثريت سان ڪامياب ڌر پي ٽي آءِ به ورجائي رهي آهي بقول انجي ته سندس مينڊيٽ چورايو ويو آهي.

هن وقت جماعت اسلامي، جي يو آءِ، جي ڊي اي ۽ پي ٽي آءِ جو گڏيل مطالبو آهي ته يا فارم فائيو تحت نتيجا ڪڍيا وڃن يا ٻيهر عام چونڊون ڪرايون وڃن. ٻيهر عام چونڊن لاءِ وڏي رقم گهرجي جيڪا معاشي ۽ مالي بحران سبب ناممڪن آهي ۽ جيڪڏهن ڪا اقليتي حڪومت ٺهي ٿي تڏهن به ان کي قوم شايد ئي قبول ڪري سواءِ ان جي ته پ پ پ ن ليگ سان اتحاد ڪري. هونئن به پ پ پ صاف چٽي ڇڏيو آهي ته پ پ پ ڪانسواءِ ن ليگ حڪومت ٺٽي ناهي سگهي ته وري پ پ پ ٺي ناهي سگهندي. جيڪڏهن پ پ پ آزاد ميمبر ايم ڪيوايم ۽ ٻين هڪ اڌ سيٽن وارين پارٽين کي پاڻ سان ملائي. پ پ پ جي ڪوشش آهي ته پي ٽي آءِ قيادت کي ڪجهه ڳالهين ۽ رليف ڏيڻ جي آڇ ڪري گڏجي حڪومت ڪن جنهن ۾ وزيراعظم بلاول ڀٽو کي ڪجي ۽ صدر اسپيڪرشپ پي ٽي آءِ جو ڪجي ۽ ڪجهه مک وزارتون جن ۾ پرڏيهي وزير واري وزارت به ڪيس ڏجي پر هن ڳالهه تي سگهاريون قوتون راضي نه ٿينديون نه وري پي ٽي آءِ راضي ٿيندي جيڪا پنهنجي مينڊيٽ چوري ٿيڻ جا الزام مڙهي رهي آهي ۽ نئين چونڊن طرف وڃڻ چاهي ٿي اهي به افواهه آهن ته ڪنهن به امڪاني دنگي فساد کان بچڻ لاءِ شايد ايمرجنسي لاڳو ڪئي وڃي ۽ نگران حڪومت کي قومي حڪومت ۾ تبديل ڪري سال به چونڊن نه ڪرايون وڃن جنهن تي ن ليگ جي يو آءِ ۽ ڪجهه ٻيون ڌريون به راضي آهن. ٿي سگهي ٿو ته پير صاحب پاڳارو به وفاق ۽ صوبن ۾ قومي حڪومت جي قيام تي راضي ٿئي.

جيستائين کي فيصلا ٿين ۽ حڪومتون ٺهن تنهن کان پي ٽي آءِ سميت ڪجهه ڌريون جن کي چونڊن تي تحفظات آهن ۽ چونڊن کي رد ڪري چڪيون آهن سي سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽن تائين پهتيون آهن ۽ چونڊ نتيجا چئلنج ڪيا آهن عدالتون ڪهڙو فيصلو ٿيون ڪن پر جيترو محسوس ٿئي ٿو ته عدالتون اليڪشن ٽربيونلن ڏانهن رجوع ڪرڻ لاءِ چونڊي جو اليڪشن ڪميشن ٽربيونلس جي جوڙجڪ لاءِ اعليٰ عدالتن کي چٺي ڇڏيو آهي جيڪي اهڙن ڪيسن جو فيصلو ڪنديون. اهو هاڻ اٿيندڙ ڌرين تي مدار آهي ته اهي ٽربيونلن سان رجوع ٿيون ڪن يا احتجاج طور ڪٽيل سيٽن تان به هٿ کڻن ٿا جيئن پير صاحب پاڳاري ۽ جماعت اسلامي هٿ ڪنيو آهي. چونڊن کي ذري گهٽ هفتو گذري چڪو آهي اليڪشن ڪميشن ڪامياب اميدوارن جو نوٽيفڪيشن به ناهي ڪڍيو جنهن تي به خدشا ظاهر ڪيا پيا وڃن.

بهرحال ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ملڪ کي ڪنهن به خوفناڪ سياسي ۽ معاشي بحران کان بچائڻ گهرجي احتجاج ۽ ڌرڻا جمهوري حق آهن پلي ڪرڻ گهرجن ۽ حڪومت به ڪنهن به رنڊڪ يا روڪ کان پري رهي ۽ جيڪي به ڌريون احتجاج ڪن تن کي ملڪ جي سالميت جو خيال رکڻ گهرجي. پي ٽي آءِ سميت سمورين سياسي پارٽين سان ڳالهيون ڪري صورتحال کي ڳنڀير بڻجڻ کان پري رکيو وڃي.

بقايا 01

پنهنجو آئيني فرض سنجيدگي سان پورو ڪيو ۽ اسان آئيني ذميواريون پوريون پوريون ڪري رهيا آهيون. پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته پاڪستان ۾ چونڊ عمل پاڪستان جو اندروني معاملو آهي، چونڊن بابت پرڏيهي مشوري جي ضرورت ناهي. هڪ سوال جي جواب ۾ پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته پاڪستانين کي ملڪ جي سياسي عمل بابت ڳالهائڻ جو حق آهي اُن تي تبصرو نه ڪنداسين. پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته رفح شهر ۾ اسرائيلي جارحيت جي سخت مذمت ڪريون ٿا. او آءِ سي به اسرائيلي جارحيت خلاف خبردار ڪيو آهي ۽ پاڪستان گڏيل قومن جي چارٽر تي عمل سميت فلسطينين جو قتل عام روڪڻ جو مطالبو ڪري ٿو. پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته پارٽي فورسز 10 فيبروري تي والاريل ڪشمير ۾ جماعت اسلامي جي آفيسن تي ڇاپا هنيا. جماعت اسلامي والاريل ڪشمير ۾ دفترن تي ڇاپن جي سخت مذمت ڪري ٿي. ممتاز زهرا بلوچ چيو ته پاڪستان کي خطي ۾ دهشتگرد عنصرن جي اپار تي تحفظات آهن. افغان انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته پاڪستان خلاف سرگرم دهشتگرد گروپن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي. افغانستان ۾ دهشتگردن جي پناهه گيرن تي خدشا آهن. پرڏيهي آفيس جي ترجمان پنهنجي ميڊيا بريفنگ دوران اهو به ٻڌايو ته پاڪستان ۽ ڊومينيڪن ريپبلڪ وچ ۾ سفارتي لاڳاپا قائم ٿي ويا آهن.

بقايا 02

پولنگ ۾ ڪائي رڪاوٽ پيش نه ٿي. رپورٽ ۾ چيو وڃي ته پولنگ اسٽيشن نتيجن به تيار ڪري جمع ڪرايو ويو. قادر مندوخيل چيو ته آيل وڊيو جعلي آهي، جڏهن مان پولنگ اسٽيشن ۾ داخل ٿيس ته بيلٽ پيپلر ڪليل هئا. قادر مندوخيل چيو ته مون کي ٻڌايو ويو ته اير ڪيو اير جا ماڻهو پولنگ اندر داخل ٿي چڪا آهن. ساڍا 4 وڳي دروازا بند ڪري ڇڏيا. قادر مندوخيل چيو ته آر او به رپورٽ تسليم ڪيو ته ڪائي پيچ داهه ناهي ٿي. ڪميشن قادر مندوخيل کي لکت جواب جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. ٻڌڻي 6 مارچ تائين ملتوي ڪئي وئي.

بقايا 03

ملي. اينڊز حڪومت لوڏن ۾ هوندي. انڊيپينڊنٽ اردو کي ڏنل انٽرويو ۾ اختر مينگل چيو ته تحريڪ انصاف جي آزاد اميدوارن سڀ کان وڌيڪ سيٽون کٽيون ۽ مسلم ليگ ن ۽ پيپلز پارٽي قومي اسيمبليءَ ۾ ٻئي ۽ ٽئين نمبر تي آهي، جڏهن ته بلوچستان ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ جميعت علماءِ اسلام پاڪستان سڀ کان وڌيڪ 11_11 سيٽون حاصل ڪيون آهن. جڏهن ته مسلم ليگ ن 10 ۽ بلوچستان نيشنل پارٽي هڪ سيٽ کٽي آهي. اختر مينگل جو چوڻ هو ته بلوچستان ۾ چونڊ نتيجن ڪانپوءِ احتجاج ڪندڙ چار جماعتي اتحاد ۾ اسان جي پارٽي به شامل آهي ۽ اهو اتحاد فيصلو ڪيو آهي ته چونڊن ۾ ڌانڌلي خلاف احتجاج جاري رکيو ويندو. هن وڌيڪ چيو ته اتحاد سان گڏجي مستقبل جو لائحه عمل طئي ڪنداسين. هنن چونڊن جي نتيجي ۾ جن به ڌانڌلي ڪئي آهي، انهن جو خيال آهي ته ان طريقي سان ملڪ جو سياسي بحران ختم ڪري سگهجي ٿو، پوءِ اها انهن جي غلط سوچ آهي. اختر مينگل موجب مان قومي اسيمبلي جي ٽن ٽڪن تي چونڊ وڙهي رهيو هئس، جيڪي پارٽيون اسان جي خلاف هيون انهن به اسان کي قومي ٽڪن تي ووٽ ڏيڻ جو يقين ڏياريو هو. تنهن ڪري انهن جا نتيجا به راتورات تبديل ڪيا ويا.

بقايا 04

. ان ڪان علاوه گئس جي وڏن صارفين لاءِ قيمتن ۾ 900 رپيا في ايم ايم بي ٽي يو واڌ جو امڪان آهي. ذريعن موجب گئس جي اگهن ۾ واڌ جو اطلاق پهرين فيبروري کان ٿيندو. ٻئي طرف وفاقي ڪابينا يو اين ڊي پي تحت گاڏين جا اسپيئر پارٽس ۽ نوان ٽائر افغانستان ڪنٽري آفيس منتقل ڪرڻ جي به منظوري ڏئي ڇڏي. ان ڪان علاوه گريڊ 20 جي آفيسر خان نواز کي هيوي انڊسٽري ٽيڪسلا ۾ ميمبر فنانس طور پرتي ڪرڻ ۽ ٻئي شهريت رکندڙ عرفان قادر ٻٽي جي ناروي حوالي ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي. جوابدار عرفان قادر تي ناروي حڪومت پاران دهشتگردي ۾ ملوث هجڻ جو الزام آهي. توانائي بابت ڪابينا ڪميٽي جي 6 فيبروري ۽ قانون سازي بابت ڪابينا ڪميٽي جي 7 فيبروري جي اجلاس جي فيصلن جي به منظوري ڏني وئي. ٻئي طرف صنعتي ۽ تجارتي تنظيمن گئس جي اگهن ۾ وڌيڪ 34 سيڪڙو واڌ کي رد ڪري ڇڏيو تنظيمن جو چوڻ آهي ته گئس جي اگهه ۾ واڌ سبب صنعتن جو ڏونگ بند ٿي ويو آهي، گيس جي اگهه ۾ وڌيڪ گهٽتائي سبب برآمدات به بند ٿي وينديون. هنن جو موقف آهي ته نومبر ۾ گيس جي اگهن ۾ 200 سيڪڙو اضافو ڪيو ويو آهي. نئون اضافو صنعت، ايڪسپورٽ ۽ روزگار خلاف سازش آهي. ٻين شعبن جي چوري تي ڪراس سبسڊي جي صورت ۾ پابندي نه لڳائي وڃي. ٻئي پاسي بجلي ۽ گئس جي ڳرن بلن تي سينيٽ ڪميٽي ميمبرن به سخت احتجاج ڪيو آهي. سينيٽ جي ناڻي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ ميمبرن طرفان بجلي ۽ گئس جي اگهن ۾ واڌ تي سخت احتجاج ڪيو ويو. سينيٽر سعديه عباسي چيو ته سولر پئنل لڳرائڻ باوجود ڏيڍ لک رپين تائين بل اچي رهيا آهن، اهو سڀ آءِ ايم ايف جي ڪري ٿي رهيو آهي. سينيٽر ڪامل علي آغا به ڳرن بلن تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو.

بقايا 05

پاڪستان جي چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي تي آواز اٿاري. عمران خان سان ملاقات ڪانپوءِ اڏيالا جيل ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي پي ٽي آءِ اڳواڻ بئرسٽر سيف جو چوڻ هو ته پي ٽي آءِ جي باني پيغام ڏنو آهي ته آمريڪا وٽ پنهنجون غلطيون درست ڪرڻ جو موقعو آهي. بئرسٽر سيف جو چوڻ هو ته عمران خان چيو ته ڪوڙي بيان بازي نه ڪندا. هن آمريڪا جي اهڙي ريت چونڊن تي آواز تي اٿارين ان ڪان علاوه پي ٽي آءِ اڳواڻ بئرسٽر گوهر واضح ڪيو ته پي ٽي آءِ باني جي هدايتن تي پيپلز پارٽي سان ڪي به ڳالهيون نه ٿيون آهن ۽ نه ئي ڳالهيون ڪنداسين. جيل ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي بئرسٽر گوهر چيو ته پي ٽي آءِ جي باني کي پيپلزپارٽي جي آڇ بابت ٻڌايو ويو. پي ٽي آءِ جي باني پ ب پ سان ڳالهين کان انڪار ڪيو. اسان جو هڪ نقطو ايجنڊا آهي ته اقتدار جي سياست نه ڪنداسين. بئرسٽر گوهر چيو ته عمران خان پ ب پ سان ڳالهين کان منع ڪئي آهي هن چيو ته پيپلز پارٽي سان ڳالهيون ٿيون آهن يا نه، وزيراعظم لاءِ پي ٽي آءِ جا اُنگ مڪمل آهن پر جنهن پارٽي 20 سيٽون کٽيون ان کي مشڪل سان حڪومت ڏني پئي وڃي. واضح رهي ته تحريڪ انصاف عمر ايوب کي وزارت عظميٰ جو اميدوار نامزد ڪيو هو اڏيالا جيل راولپنڊي ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي اسد قيصر چيو ته عمران خان سمورين سياسي پارٽين کي ڳالهائڻ جو ٽاسڪ ڏنو آهي.

بقايا 06

ڏئي ڇڏي. ذريعن موجب وفاقي ڪابينا انڊونيشيا جي ايئرلائن کي پاڪستان لاءِ ايئر سروس شروع ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. ذريعن ٻڌايو ته ايوي ايشن وزارت جي سمري تي انڊونيشيا جي ايئرلائن کي سرڪاري ايئر لائن کي سرڪاري درجو ڏئي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. ان کانسواءِ وفاقي ڪابينا سيڪريٽري غربت گهٽايو يوسف خان کي اير ڊي بيت مال مقرر ڪرڻ جي به منظوري ڏئي ڇڏي آهي. وفاقي ڪابينا عامر فدا پراچا کي پهرين جنوري تي عهدي تان هٽايو هو. اير ڊي به هجن سان بيت مال جا مالي ۽ انتظامي منصوبا متاثر ٿي رهيا هئا. يوسف خان مستقل اير ڊي جي مقرري تائين خدمتون نڀائيندو

بقايا 07

وڙهي نڪتو آهيان، فرشتا به ان جو ڪوڙ لکي لکي ٿڪجي پيا هوندا. بابر اعوان چيو ته مينڊيٽ چوري ڪندڙن پنهنجو چيف نواز شريف کي جتوايو آهي مينڊيٽ ٿيفس نواز شريف جو مينڊيٽ به چوري ڪري ورتو آهي. بابر اعوان چيو ته نواز شريف ته 2 شهباز شريف ته 3 پيرا وڏو وزير رهيو، نوازشريف 4 ۽ شهباز شريف هڪ ڀيرو وزيراعظم رهي چڪو، نواز شريف جي هڪ ڀيرو حڪومت ختم ٿي هئي ته سهولتڪاري سان بحال ٿي هئي، هي هاڻي ڇهون ڀيرو وزارت عظميٰ لاءِ ٻه ترائي ڪري رهيو آهي. هن چيو ته هن کي جيڪو به ووٽ ڏيندو ۽ اسان تي مڙهيندي، مولانا فضل الرحمان پنهنجي قيمت وڌائي رهيو آهي.

بقايا 08

جاري ڪري ڇڏيا. تحريڪ انصاف جي اڳواڻ علي امين گنڊاپور خلاف آزاد ڪشمير جي چونڊن ۾ ضابطا اخلاق جي ڀڃڪڙي جو ڪيس ٻڌڻي هيٺ آهي. ڊپٽي ڪمشنر ڊيرا اسماعيل خان کي خيبرپختونخوا جي نامزد وڏي وزير جي گرفتاري لاءِ خط جاري ڪيو ويو خط ۾ چيو ويو آهي ته علي امين گنڊاپور کي 28 فيبروري تائين گرفتار ڪري اليڪشن ڪميشن آزاد ڪشمير ۾ پيش ڪيو وڃي. تحريڪ انصاف جي اڳواڻ علي امين گنڊاپور خلاف درخواست وڪيل راجا ذوالقرنين 2021ع جي اليڪشن دوران داخل ڪئي هئي.

بقايا 09

چٺن پولنگ اسٽيشنز تي ٻيهر پولنگ ڪرائڻ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي. داخل درخواست ۾ عرفان الله مروت موقف اختيار ڪيو ته چٺين پولنگ اسٽيشن تي 90 سيڪڙو ڪان وڌيڪ ووٽ ڪاسٽ ڪيا آهن. آئين نه ٿو تي سگهي ته 90 سيڪڙو ووٽ ڪاسٽ ڪيا وڃن. اسان اليڪشن کان اڳ آر او ۽ ڊي آر او کي انهن پولنگ اسٽيشن تي امڪاني ڌانڌلي ڪان آگاهه ڪيو هو. اليڪشن رولز ۾ واضح آهي ته جيڪا پولنگ اسٽيشن ڪنٽرول ۾ هجي ان جي بيهڪ تبديل ٿيڻ گهرجي. جنيسر گوٺ سعيد غني جو آبائي علائقو آهي. جاتائيل پولنگ اسٽيشنز ان جي ڪنٽرول ۾ آهن. سعيد غني جي ڪاميابي جو نتيجو روڪيو وڃي ۽ جنيسر گوٺ جي چٺن پولنگ اسٽيشنن تي ٻيهر پولنگ جو حڪم ڏنو وڃي.

بقايا 10

جو امڪان آهي. ذريعن موجب پي ٽي آءِ قيادت جمعيت علماءِ اسلام ف جي قيادت سان رابطو ڪري ورتو آهي. بئرسٽر گوهر علي خان جي سربراهي ۾ پي ٽي آءِ وفد جي مولانا فضل الرحمان سان ملاقات جو امڪان آهي. ٻئي طرف اڏيالا جيل راولپنڊي ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي اسد قيصر چيو ته عمران خان کي سمورين سياسي پارٽين سان ڳالهين جو ٽاسڪ ڏنو آهي. اسد قيصر چيو ته هو چونڊن ۾ ڌانڌلي خلاف احتجاج ڪندڙ پارٽين سان رابطو ڪندا. جي يو آءِ، آءِ اين پي، جماعت اسلامي ۽ قومپرست پارٽين سميت سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي. اڳاري ڏينهن پريس ڪانفرنس ڪندي مولانا فضل الرحمان چيو ته پي ٽي آءِ سان اسان جا اختلاف آهي. اسان کي سنڌن سان ڪو به مسئلو ناهي. اسان کي سنڌن دماغن جو مسئلو آهي، اهي ٺيڪ ٿي ويندا. جيڪڏهن ڪو سمجهي ٿو ته ڪوفراڊ ٿيو آهي ته پوءِ اچو ته جيڪڏهن ڪو سمجهي ٿو ته ڌانڌلي ته ٿي آهي، ته هو ويهي ۽ مزو وٺي.

بقايا 11

. اليڪشن ڪميشن جو ڊي جي لا عدالت ۾ پيش ٿيو ۽ عون چوڌري جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن واپس وٺڻ ۽ سلمان اڪرم راجا جي نتيجن کي چيلينج ڪرڻ بابت ڪميشن ۾ زير التوا درخواست جي ٻڌڻي ڪرڻ جي خاطري ڪرائي. لاهور جي قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 128 تي نااليواري وڪيل سلمان اڪرم راجا هڪ لک 59 هزار ڪان مٿي ووٽ کنيا جڏهن ته اليڪشن ڪميشن موجب عون چوڌري هڪ لک 72 هزار ڪان مٿي ووٽ کنيا. مسلم ليگ (ن) هن حلقي ۾ اميدوار نه بيهاريو هو ۽ عون چوڌري جي حمايت ڪئي هئي. ياد رهي ته ٽي وي چينلز تي اڳ ۾ سلمان راجا جي ڪاميابي جون خبرون هليون بعد ۾ عون جي ڪاميابي جي خبر هلي. سلمان راجا هر پولنگ اسٽيشن تان فارم 45 تي مليل نتيجا اليڪشن ڪميشن ۾ پيش ڪندي عون چوڌري جي ڪاميابي کي چيلينج ڪيو هو. اليڪشن ڪميشن چالاڪي ڪندي سنڌس درخواست تي فيصلو ڪرڻ کان اڳ ئي عون چوڌري جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو، جنهن خلاف هن هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل ڪئي هئي.

بقايا 12

جي نتيجن تي تبصرو ڪندي چيو آهي ته اڄ سڄو ملڪ چونڊن نتيجن تي سوال اٿاري رهيو آهي، پي ٽي آءِ حڪومت اليڪٽرانڪ ووٽنگ مشين جو آئيڊيا ڪڍي آهي پر ان کي رد ڪيو ويو، جيڪڏهن اي وي ايم هجي ها ته اڄ هي مسئلا نه ٿين ها. ڊاڪٽر عارف علوي ايوان صدر ۾ صحافين سان غيررسمي ڳالهائيندي چيو ته اوورسيز پاڪستانين کي ووٽ جو حق ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي. اليڪٽرانڪ ووٽنگ مشين جو آئيڊيا آندو ويو پر رد ڪيو ويو. ڊاڪٽر عارف علوي چيو ته هر پاڪستاني کي هر مسئلن جو حل معلوم آهي، پر ليڊرشپ جي ڪوٽ آهي، هن چيو ته هي سائنس جو دور آهي ۽ نوجوان آئيڊيا جا ڪارخانا آهن. منهنجي حساب سان اعتماد ۽ اميد ختم ٿي چڪي، پراڻيون ڳالهيون ڇڏيو اڳتي وڌو. جڏهن قومون پتڪنديون آهن ته ليبرشپ کي اڳيان اچي رهنمائي ڪرڻ گهرجي. عارف علوي چيو ته پاڪستان تي اشرا فيه جو قبضو آهي، اڍائي ڪروڙ ٻار اسڪول کان ٻاهر آهن. ڀارت، سريلنڪا ۽ بنگلاديش جا سئو سيڪڙو ٻار اسڪولن ۾ آهن. ملڪ کي متحده ڪرڻ جي ضرورت آهي.

بقايا 13

اسٽيبلشمينٽ کي نشانو بڻائڻ ٺيڪ ناهي. سپني دشمن قوتن جي نظر پاڪستان جي حالتن تي آهي. ڪراچي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي خالد مقبول صديقي چيو ته اسان جي ذهن ۾ ڪجهه خدشا هئا. اهڙين حالتن ۾ چونڊون ٿيون. جڏهن پاڪستان مختلف مسئلن ۾ ڦاٿل هو، دهشتگردي جا خطرا هئا. ڪيترن ئي ماڻهن کي خدشو هو ته چونڊون نه ٿينديون. هن چيو ته ملڪي ادارن سبب ڪنهن حد تائين پرامن چونڊون ٿي ويون. هاڻ وقت اچي ويو آهي ته سڀني کي سياست بدران رياست کي بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. سنڌس چوڻ هو ته اسان پنهنجي حصي جو نقصان ڪري هتي ويٺا آهيون. هي وقت ٻاهر لڳائڻ جو نه ٻاهر وسائڻ آهي. سياسي جماعتن جا جيڪي بيان اچي رهيا آهن. انهن سان جمهوريت ۽ پاڪستان کي وڏو نقصان پهچي سگهي ٿو. نوهان پاڪستان کي بند گهٽي ۾ نه وٺي وڃو. جيڪڏهن جمهوريت نه رهي ته ڪجهه نه رهندو.

بقايا 14

بابت ڪيس جي ٻڌڻي چيف جسٽس ڊي واءِ چندرچوڙ جي سربراهي ۾ 5 رڪني بينچ ڪئي. ٻڌڻي دوران چيف جسٽس اليڪٽورل بانڊز نالي سسٽم کي غير آئيني قرار ڏيڻ سان اسٽيٽ بئنڪ کي حڪم ڏنو ته اها هاڻي وڌيڪ بانڊز جاري نه ڪري اليڪٽورل بانڊز نالي ان نظام تحت ڪو به شخص يا ڪمپني اهي بانڊز رياست جي انتظام هيٺ اسٽيٽ بئنڪ آف انڊيا کان خريد ڪري سگهي پئي ۽ انهن کي پنهنجي پسند جي سياسي جماعت کي سچائي ظاهر ڪرڻ ڪانسواءِ ٻنا ڪنهن حد جي پئسا ڏئي سگهي پئي. واضح رهي ته ان نظام کي پارٽي سپريم ڪورٽ جي ميمبرن ۽ سول سوسائٽي جي هڪ گروپ پاران چئلينج ڪيو ويو هو عوام کي اهو ڄاڻڻ جو حق آهي ته سياسي جماعتن کي ڪير فنڊنگ ڪري رهيو آهي. ان فيصلي کي وزيراعظم نريندر مودي جي پارٽي جنته پارٽي لاءِ وڏي ڌڪي جي طور تي ڏٺو پيو وڃي. مودي جي پارٽي 2017ع ۾ متعارف ڪرايل ان نظام مان هيل تائين سڀ کان وڌيڪ فائدو کنيو آهي.

بقايا 15

چيو ته عمران خان سان 10 مهينن جي ملاقات ۽ سياسي معاملن تي مشاورت ڪانپوءِ پي ٽي آءِ باني عمر ايوب کي وزيراعظم نامزد ڪيو آهي. اسد قيصر چيو ته هي ملڪي تاريخ جي بدترين چونڊون آهن. چونڊن ۾ اسان جو مينڊيٽ چوري ڪيو ويو، مون کي سمورين سياسي پارٽين سان ڳالهائڻ جو ٽاسڪ ڏنو ويو آهي، قومي اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر چيو ته سمورين سياسي پارٽين کي ڳالهائڻ جو ٽاسڪ ڏنو ويو آهي، چونڊ ڌانڌلي خلاف احتجاج ڪندڙ پارٽين سان رابطا ڪنداسين. جي يو آءِ، اي اين پي، جماعت اسلامي ۽ قومپرست پارٽيون سيني سان ڳالهيون ڪنديون. هن چيو ته چونڊن ۾ وڏي پيماني تي ڌانڌلي ڪئي وئي، اهڙي ڌانڌلي واري حڪومت کي ڪير به تسليم نه ڪندو. اسيمبلي ۾ ويهنداسين ۽ قانوني جنگ وڙهنداسين. هڪ ٻن ڏينهن ۾ پارلياماني پارٽي جو اجلاس گهرائينداسين قومي اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر چيو ته هو چوند ڌانڌلي تي يورپ ۽ آمريڪا کي ان جي ذميواري ياد ڏياري رهيو آهي. آمريڪا جمهوري حقن جو علمبردار ۽ دعويدار آهي. ان کي ڏيان ڇڪايو وڃي هنن چيو ته هر قانون جي حڪمراني چاهيون ٿا ۽ جنهن حڪومت کي هنن ووٽ ڏنو آهي سنڌن حق آهي. احتجاج لاءِ اسيمبلي ۾ ويهنداسين ۽ عوام آڏو پنهنجو موقف پيش ڪنداسين. پي ٽي آءِ جو باني جيڪو فيصلو ڪندو ان تي عمل ڪنداسين.

بقايا 16

نفرت پنهنجي عروج تي آهي، معاشي بحران مان نڪرڻ سياسي ڇڪتاڻ ۽ پاڻ ۾ ٺلنيون گهٽائڻ لاءِ انا ضد ۽ انتقام جا بت ٽوڙڻ وڃن. سعد رفيق تجويز ڏني ته هڪ خاص مدي لاءِ قومي اسيمبلي ۾ موجود سمورين پارٽين تي ٻڌل قومي حڪومت ناهڻ تي ٿڌي دماغ سان غور ڪيو وڃي.

بقايا 17

ڇڏي. جولاءِ ڪان ڊسمبر 2023 تائين ٻڌڻي هيٺ ڪيسن جي رپورٽ جاري ڪئي وئي، جنهن ۾ سپريم ڪورٽ، شرعي عدالت، سيني هاءِ ڪورٽس، ضلعي عدالتن جا انگ اکر شامل آهن. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سڄي ملڪ جي عدالتن ۾ ٻڌڻي هيٺ ڪيسن جو انگ 22 لک 60 هزار تائين پهچي ويو آهي. رپورٽ موجب 2023 جي آخري 6 مهينن دوران ٻڌڻي هيٺ ڪيسن ۾ 3.9 سيڪڙو واڌ ٿي. ڪُل ٻڌڻي هيٺ ڪيسن ۾ 82 سيڪڙو ضلعي عدالتن ۾، جڏهن ته 18 سيڪڙو اعليٰ عدليا ۾ آهن. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته جولاءِ کان ڊسمبر 2023 دوران 23 لک 80 هزار نوان ڪيس داخل ٿيا. ان عرصي دوران 23 لک ڪيس اڪلايا ويا. رپورٽ موجب هاءِ ڪورٽس ۾ ٻڌڻي هيٺ ڪيسن مان 81 سيڪڙو ديواني ڪيس آهن.

بقايا 18

آيو آهي. تفصيل موجب حيدرآباد ۾ ڪينٽ پوليس ڪارروائي ڪندي گاڏيون چوڪري ڪندڙ سرڪاري آفيسر کي گرفتار ڪري ورتو. پوليس ٻڌايو ته جوابدار زين روينيو ۾ 16 گريڊ جو آفيسر ۽ منشيات جو عادي آهي، جوابدار هن ڪان اڳ به ڪار چوري ۽ منشيات جي ڏوهه ۾ چالان ٿيل آهي. آفيسرن جو چوڻ هو ته جوابدارن ڪجهه ڏينهن اڳ شهباز بلڊنگ وٽان پوليس جي موٽر سائيڪل چورائي هئي. جوابدارن کان سرڪاري موٽر سائيڪل سميت ٻيون ڦر ڪيل موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون آهن. ڪينٽ پوليس چيو ته جوابدار کي سي سي ٽي وي فوٽيج جي مدد سان گرفتار ڪيو

بقايا 19

۾ حڪومت سازي لاءِ به ڳالهيون ٿيون پي ٽي آءِ جي ذريعن جو چوڻ آهي ته عمران خان پي ٽي آءِ پارليامينٽرينز سان اتحاد جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي. ذريعن موجب جماعت اسلامي جي انڪار ڪانپوءِ پي ٽي آءِ پرويز خٽڪ سان گڏ هلڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

بقايا 20

درخواست رد ڪري ڇڏي. چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي سربراهي ۾ 2 رڪني بينچ اين اي 15 مانسهره ۾ نواز شريف جي ڪاميابي خلاف درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. نواز شريف جو وڪيل اليڪشن ڪميشن آڏو پيش ٿيو. پر ريٽرننگ آفيسر اين اي 15 مانسهره پنهنجي رپورٽ اليڪشن ڪميشن ۾ جمع ڪرائي ڇڏي. ريٽرننگ آفيسر پنهنجي جواب ۾ چيو ته ڪو نتيجو فارم 45 مطابق مرتب ڪيو ويو آهي. اليڪشن ڪميشن ريٽرننگ آفيسر جي جواب تي ڪانيو ڪامياب اميدوار جو نوٽيفڪيشن روڪڻ جي درخواست رد ڪري ڇڏي.

بقايا 21

توڙ عدالت جي جج ارشد حاويد پي ٽي آءِ باني جي درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي. اڳوڻي وزيراعظم جو جونيئر وڪيل عدالت ۾ پيش ٿيو. جونيئر وڪيل عدالت کي اپيل ڪئي ته پي ٽي آءِ باني جو وڪيل اسلام آباد ۾ القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ مصروف آهي. ليگل ٽيم کي دليل ڏيڻ لاءِ وڌيڪ وقت ڏنو وڃي. عدالت جونيئر جي اپيل منظور ڪندي پي ٽي آءِ باني جي ڪچي ضمانت ۾ 19 فيبروري تائين واڌ ڪري ڇڏي ۽ ايندڙ ٻڌڻي تي پي ٽي آءِ جي باني جي جيل مان ويڊيولنڪ حاضري لاءِ انتظام مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي.

بقايا 22

گوٺ جي نالي تي انڊسٽريل پلاٽس تي قبضا ڪيا پيا وڃن. ڪي ڊي اي جي وڪيل ٻڌايو ته 23 جنوري تي قبضا ڇڏائڻ لاءِ ڪارروائي ڪئي ته فائرنگ ڪئي وئي. فائرنگ سبب هڪ شخص مارجي ويو ۽ ايس ايڇ او زخمي ٿيو. درخواست گذار ٻڌايو ته شهري ٻڌايو ته شهر جي علائقي ۾ گوٺ جو وجود قانون تي ناهي. درخواست جي 3 صنعتي پلاٽن تي قبضا ڪيا ويا آهن. جيڪڏهن گوٺ قانوني به آهي ته ان جي پکيڙ 8.2 ايڪڙ آهي. عدالت ايس ايس پي ڪورنگي کي ڪي ڊي اي جي آفيسن جي تحفظ لاءِ خاص اپاءَ وٺڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. عدالت سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ناظر کي نگراني ۾ گوٺ جي ڊيمارڪيشن جو حڪم ڏيندي ڪمشنر ڪراچي سروي سپرنٽينڊنٽ، بورڊ آف روينيو، ڪي ڊي اي جي لاڳاپيل آفيسرن کي مدد جو حڪم ڏئي ڇڏيو. عدالت ڊيمارڪيشن جي عمل دوران قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مدد حاصل ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي.

بقايا 23

فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ سپريم جوڊيشل ڪائونسل جو اجلاس ٿيو جنهن دوران شاهدن جا بيان رڪارڊ ڪيا ويا. جوڊيشل ڪائونسل جي ڪارروائي دوران عدالتي مددگار خواجا حارث موقف اختيار ڪيو ته سندس وڪالت نامو مظاهر نقوي جي جج ٿيڻ تائين جي هو. جيڪو هاڻي رد ٿي چڪو آهي. جڏهن ته اهڙي قسم جا سوال شوڪت عزيز صديقي ڪيس ۾ به آهن. جنهن تي چيف جسٽس رمارڪس ڏيندي چيو ته شوڪت عزيز صديقي ڪيس جي ٻڌڻي مڪمل ٿي چڪي آهي. جيڪڏهن اوهان شاهدن کان اڄ پڇا ڪرڻ چاهيو ته ڪائونسل کي ٻڌائي ڇڏيو خواجا حارث چيو ته رٽائرڊ ججز خلاف ڪارروائي بابت سپريم ڪورٽ جي بئنچ ڪيس ٻڌي رهي آهي. جنهن تي چيف جسٽس فائز عيسيٰ رمارڪس ڏيندي چيو ته سپريم ڪورٽ جي عافيا شهر بانو ڪيس جي فيصلي جو انتظار ڪنداسين. شوڪت عزيز صديقي خلاف ڪيس ۾ فيصلو محفوظ آهي. جسٽس نقوي خلاف شاهدن کي سڏايو ويو هو اڄ سندن بيان رڪارڊ ڪيا ويندا. اجلاس دوران اٽارني جنرل منصور عثمان اعوان پنجن شاهدن جي فهرست سپريم جوڊيشل ڪائونسل ۾ جمع ڪرائيندي ٻڌايو ته سنڌس پهرين شاهد ڪنٽرولر ملٽري اسٽيٽ آهي. ان دوران وڪيل خواجا حارث سپريم جوڊيشل ڪائونسل جي وڌيڪ مدد ڪرڻ کان معذرت ڪري ڇڏي. ياد رهي ته سپريم ڪورٽ جي اڳوڻي جج مظاهر نقوي گذريل مهيني پنهنجي عهدي تان استعيفي ڏني هئي. جيڪا صدر منظور ڪري ورتي هئي جڏهن ته سپريم جوڊيشل ڪائونسل اڳوڻي جج جي استعيفيٰ باوجود ڪائونسل جي ڪارروائي جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو هو

بقايا 24

تي 279 رپين 38 پئسن جو آهي.

بقايا 25

خان ڪيس جي ٻڌڻي اين اي 55 تان ڪامياب اميدوار ابرار احمد جو وڪيل اليڪشن ڪميشن ۾ پيش ٿيو. ڪامياب اميدوار جي وڪيل چيو ته ريٽرننگ آفيسر اين اي 55 جو حتمي نتيجو جاري ڪري چڪو آهي. اليڪشن ڪميشن درخواست ٻڌڻ جوڳي قرار نه ڏيندي رد ڪري ڇڏي، وڌيڪ جاچ جي ضرورت ۽ معاملو اليڪشن ٽربيونل ڏانهن اماڻي سگهجي ٿو. وڪيل بشارت راجا چيو ته ميڊيا رپورٽن موجب اين اي 55 تان بشارت راجا کٽي رهيو هو چيف اليڪشن ڪمشنر چيو ته اليڪشن ڪميشن ميڊيا رپورٽن جي بنياد تي فيصلي نه ڏنا آهن. ڌانڌلي جا نتيجا هيٺ متاثرا ڏنا الزام لڳائيندڙ ته به پيش ڪن. وڪيل بشارت راجا چيو ته ثبوت اليڪشن ڪميشن وٽ آهي، فارم 45 ڪرلي ڏسي ولو سڀ ڪجهه ظاهر ٿي ويندو، جنهن ڪان پوءِ اليڪشن ڪميشن اين اي 55 راولپنڊي بابت درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو

بقايا 26

چونڊس ته سچ چوندس. چيف جسٽس رمارڪس ڏنا ته عدالت ۾ تقرير ڪرڻ نه ڏينداس، رگو قانوني ڳالهه ڪريون شوڪت بسرا چيو ته مان پهريان ڪجهه حقيقتون عدالت ۾ رکڻ چاهيان ٿو. 98 ووٽ حاصل ڪيا. پڻي نمبر تي ن ليگ جو اميدوار آيو 3 نمبر تي آزاد اميدوار اعجاز الحق جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو، مون وٽ فارم 45 آهي. هڪ به غلط هجي ته عدالت مون کي سزا ڏئي. چيف جسٽس رمارڪس ڏنا ته هي عدالت ٻهاولنگر جي ريٽرننگ آفيسر کي ڪيئن طلب ڪري سگهي ٿي، چيف جسٽس رمارڪس ڏيندي عدالت شوڪت بسرا جي درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو

بقايا 27

ڇڏيو. سعودي سول ايوي ايشن مسافرن لاءِ نئين ٽريول ايڊوائيزري جاري ڪري ڇڏي آهي جنهن موجب اهو فيصلو وزٽ ويزا، برنس ويزا، سياحتي ويزا سوڌو سڀني قسمن جي ويزا تي سعودي عرب وينڌڙن تي لاڳو ٿيندو. سعودي ايوي ايشن سڀني ايئرلائنز کي هدايت نامو جاري ڪندي چيو آهي ته 6 مهينن کان گهٽ مدي وارو پاسپورٽ رکندڙ مسافرن کي بورڊنگ ڪان انڪار ڪيو ويندو.

بقايا 28

ڪولاچي تي فائرنگ ڪئي وئي. آزاد اميدوار جام مهتاب حسين ڏهر ۽ پ پ اميدوار سردار شهريار شر جي حامين وچ ۾ فائرنگ ڪئي ڊي وٽ ٿي، جنهن ڪانپوءِ علائقي خوف ۽ هراس پکڙجي ويو آهي. پرزائيڊنگ آفيسر موجب، فائرنگ ڪانپوءِ ٻئي پولنگ ووٽنگ جي عمل لاءِ بند ڪيون ويون آهن. پرزائيڊنگ آفيسر جو چوڻ آهي ته فائرنگ ڪانپوءِ پولنگ اسٽيشنز تي پوليس ۽ رينجرز سان گڏ پاڪ فوج جا نوجوان هاءِ الرٽ آهن. صوبائي اسيمبلي جي سيٽ پي ايس 18 تي اڄ صبح اٺ وڳي کان پولنگ جو عمل شروع ٿيو. ٻنهي پولنگ اسٽيشنز تي اٽڪل ٽين وڳي تائين ووٽنگ جو ٽرن آئوٽ 1050+800 تائين پهچي ويو هو

بقايا 29

شموليت کان انڪار ڪانپوءِ سندس خلاف هلندڙ جاچ جي روشني ۾ ڪيو ويو آهي. حارث رئوف خلاف جاچ ڪندڙ ڪميٽي طرفان ٻڌڻي مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ معاملي ۾ شامل تمام اسٽيڪ هولڊرز جي خيالن کي نظر ۾ رکندي فاسٽ بالر جو سينٽرل ڪانٽريڪٽ پهرين ڊسمبر 2023ع کان ختم ڪيو ويو آهي ۽ ڪيس 30 جون 2024 تائين ڪنهن به پرڏيهي ليگ ۾ کيڏڻ لاءِ اين او سي جاري نه ڪئي ويندي. پي سي بي انتظاميا 30 جنوري 2024 تي انصاف جي اصولن مطابق حارث پنهنجي دفاع جو پورو موقعو ڏنو ويو هو ڪو به تسلي بخش جواب نه ڏئي سگهيس پي سي بي جو چوڻ آهي ته پاڪستان لاءِ کيڏڻ ڪنهن به رانديگر لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي، ڪنهن به طبي رپورٽ يا انتهائي ضروري ڪارڻ ڪانسواءِ پاڪستان جي ٽيسٽ اسڪواڊ جو حصو بڻجڻ کان انڪار سينٽرل ڪانٽريڪٽ جي ڀڃڪڙي آهي.

بقايا 30

ڪان وڌيڪ عرصو جيل ۾ رهيو. سندس آزادي جي موقعي تي پي ٽي آءِ ڪارڪن سينٽرل جيل ٻاهران موجود هئا. پي ٽي آءِ سنڌ جي ترجمان موجب حليم عادل شيخ تي مجموعي طور 40 ڪيس هئا، سڀني ڪيسن ۾ ڪيس ضمانت تي آزاد ملي چڪي آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ تي زمينن تي قبضي، 9 مئي حملن ۽ پوليس تي حملي جا الزام آهن.

بقايا 31

بنا جواز بدلي ڪرڻ کان روڪندي، مسنگ پرسن جو تصويرون سوشل ميڊيا تي شايع ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو خميس تي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو جي سربراهي ۾ رڪني بينچ 3 سالن کان گم سنڌ پوليس جي اهلڪار جي بازيابي جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي، درخواست جي وڪيل موقف ڏنو ته جاچ آفيسر جي هر بدلي ڪئي پئي وڃي. ڪيس ۾ ڪائي اڳڀرائي نه پئي ٿئي. والد ٻڌايو ته منهنجو پٽ سيد خرم شاهه سنڌ پوليس جو ملازم هو 3 سال اڳ صفوره مان گم ٿيو هو. هن وقت تائين ڪو پتو ناهي مليو. 3 سالن کان ضلعي انڪ جي عدالتن ۽ پوليس اسٽيشنن جا چڪر ڪائي رهيو آهيان. هن وقت تائين ڪائي ڪارروائي ناهي ڪئي وئي، عدالت جاچ آفيسر کان پڇائيو ڪيو ته شهري جي بازيابي بابت ڇا ريورٽ آهن. جاچ آفيسر ٻڌايو ته تازو ئي منهنجي بدلي ٿي آهي، ڪيس جي جاچ جاري آهي. شهري کي ڪير کڻي ويو، چو ڪٿي ويو. هن وقت تائين ڪو پتو ناهي پهچي سگهيو ته ڪوئي اڪين ڏٺو شاهد آهي. شهري جي بازيابي لاءِ ايڊيشنل آءِ جي، اير آءِ ۽ اسپيشل برانچ ۽ ٻين کاتن کي خط لکيا آهن. عدالت پوليس آفيسرن کي جاچ آفيسرن جي بنا جواز بدلي ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو. مسنگ پرسن جي تصوير کي سوشل ميڊيا تي شايع ڪرڻ ۽ جي آءِ ٽيز ۽ پي ٽي آءِ ايف سيشن ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي شهري جي بازيابي بابت جاچ آفيسر کان اڳڀرائي رپورٽ طلب ڪندي ٻڌڻي 19 مارچ تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 32

ٽڪر جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا ڦٽي ٿي فوت جڏهن ته 2 سخت زخمي ٿي پيا. حادثي ۾ نواب شاهه واسي ميڊيڪل ريپ 2 ڄڻا محمد احسن ۽ محمد اسد ٿڏي تي فوت ٿي ويا جڏهن ته ٻن ڄڻن مسب احمد ۽ سعود ڪمال جي حالت نازڪ هجڻ سبب کين رورل هيلٿ سينٽر منتقل ڪيو ويو. زخمين جو تعلق ميرپورخاص سان ٻڌايو پيو وڃي زخمين کي ڳنڀير حالت ۾ پوليس موبائيل ذريعي رورل هيلٿ سينٽر منتقل ڪيو ويو جتان کين طبي امداد ڏيڻ بعد حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي.

بقايا 33

طيبه گل ۽ جوابدار اڳرٿو ڊي جي نيب شهزاد سليم پيش ٿيو. ايڊيشنل سيشن جج سهيل شيخ اڳرٿي ڊي جي نيب تي فرد جرم لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪندي چيو ته شهزا سليم تي 11 مارچ تي فرد جرم لاڳو ڪئي ويندي. عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي شهزاد سليم کي ذاتي حيثيت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. عدالت شهزاد سليم جي چالان جي ڪاپي فراهم ڪندي 30 هزار روپين جا شورٽي بانڊ جمع ڪرائڻ جي هدايت ميڊيا تاڪ ۾ الزام لڳائڻ تي طيبه گل اڳرٿي ڊي جي نيب شهزاد سليم جي خلاف جاتائيل ڪيس داخل ڪيو هو.

بقايا 34

حيثيت سان قانون ۽ انساني حقن وارو صوبائي وزير عمر سومرو پڻ انعام ورهايا. عمر سومرو قيدي ٻارن لاءِ جيل ۾ ليگل ايڊ پلس پاران هلندڙ ميڊيڪل، نفسيات، ڪمپيوٽر، پلمبرنگ ۽ ٽيلرنگ جي ڪلاسز جو ٻن درورو ڪيو ۽ پاڪستان ليگل يونائيٽيڊ سوسائٽي ۽ جيل انتظاميه جي ڪوشش کي پڻ ساراهيو ان موقعي تي قانون واري وزير عمر سومرو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته جيلن ۾ ٻارن جي ڏوهن ۾ ملوث ٿيڻ جا ذميوار اسان سڀ آهيون، جيڪي ٻار ننڍن ڏوهن ۾ گرفتار ٿين ٿا انهن کي جيلن ۾ نه پر بحالي مرڪزن ۾ رکيو وڃي. جيڪڏهن ڪو وڏو ماڻهو چوري ڪري ٿو ته ان جي ضمانت به ٿي پوندي آهي. پر غريب جي ٻار کي به ضمانت نه ٿي ملي. اسان سڀ ذميوار آهيون. ڪيترائي ٻار قيدي اجا تائين جيلن ۾ آهن. ضمانت نه ٿيڻ ڪري کين مفت وڪيل فراهم ڪيا پيا وڃن. صوبائي وزير جو چوڻ هو ته جيڪڏهن ڪاني لاءِ اي پروڪيورمينٽ ذريعي خريداري نه ڪئي ته ان اداري جي آئي جي بلاڪ ڪئي ويندي. تقريب کي خطاب ڪندي پاڪستان ليگل يونائيٽيڊ سوسائٽي جي چيف آرگنائيزر ايڊووڪيٽ الطاف احمد ڪوسو خطاب ڪندي چيو ته جيل ۾ 75 کان وڌيڪ ٻارن کي سرٽيفڪيٽ ڪورسز ۽ 50 قيدي ٻارڙا ۽ عورتن کي مفت ليگل ايڊ ڏني پئي وڃي. جيل ۾ ڪيترائي ٻار تعليم کان محروم آهن. جن کي اسان سهولتون فراهم ڪيون آهن. رائيس چيئرپرسن قاضي خلجي ۽ ايڊووڪيٽ الطاف احمد ڪوسو پڻ موجود هئا.

بقايا 35

آهي، درخواست ڏيندڙن ۾ جنيد مڪاني، وجيهه الحسن، نصرت الله، محمد احمد ۽ محمد اڪبر شامل آهن توهين عدالت جي درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا هاءِ ڪورٽ جي فيصلي جي توهين ڪندي مخالف اميدوارن جي ڪاميابي جا نوٽيفڪيشن جاري ڪيا. درخواستگذارن موجب سنڌ هاءِ ڪورٽ هدايت ڪئي هئي ته اميدوارن کي ٻڌي فيصلو ڪيو وڃي، چيف اليڪشن ڪمشنر اسان کي ٻڌڻ بنا فيصلو ڏنو، جيڪا عدالت جي توهين آهي. سڪندر سلطان راجا خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 36

چٺن پولنگ اسٽيشنز تي ٻيهر پولنگ ڪرائڻ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي. داخل درخواست ۾ عرفان الله مروت موقف اختيار ڪيو ته چٺين پولنگ اسٽيشن تي 90 سيڪڙو ڪان وڌيڪ ووٽ ڪاسٽ ڪيا آهن. آئين نه ٿو تي سگهي ته 90 سيڪڙو ووٽ ڪاسٽ ڪيا وڃن. اسان اليڪشن کان اڳ آر او ۽ ڊي آر او کي انهن پولنگ اسٽيشن تي امڪاني ڌانڌلي ڪان آگاهه ڪيو هو. اليڪشن رولز ۾ واضح آهي ته جيڪا پولنگ اسٽيشن ڪنٽرول ۾ هجي ان جي بيهڪ تبديل ٿيڻ گهرجي. جنيسر گوٺ سعيد غني جو آبائي علائقو آهي. جاتائيل پولنگ اسٽيشنز ان جي ڪنٽرول ۾ آهن. سعيد غني جي ڪاميابي جو نتيجو روڪيو وڃي ۽ جنيسر گوٺ جي چٺن پولنگ اسٽيشنن تي ٻيهر پولنگ جو حڪم ڏنو وڃي.

بقايا 37

۾ حڪومت سازي لاءِ به ڳالهيون ٿيون پي ٽي آءِ جي ذريعن جو چوڻ آهي ته عمران خان پي ٽي آءِ پارليامينٽرينز سان اتحاد جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي. پي ٽي آءِ پرويز خٽڪ سان گڏ هلڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

بقايا | سنڌيار | 01

نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف ڪاروائي جو مطالبو تفصيل موجب پريالو جي رهواسي عبدالرئوف عرف محمد آصف شيخ پنهنجي ڀاءُ عبدالڪريم عرف ڪاشف شيخ ۽ ٻيترن سان گڏجي سکر پريس ڪلب آڏو پنهنجي پٽي ۽ سندس پٽن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ٿتل جوخدشو ظاهر ڪيو هنن چيو ته اسان جي والد عبدالرزاق شيخ جي وفات ڪان پوءِ پٽي ملڪيت جي لالچ ۾ انڌي ٿي رئي آهي سندس پٽ علائقي جي ڌوهارين سان گڏجي اسان کي قتل ڪرڻ جي رٿابندي ڪري رهيا آهن هنن مون تي ڌاڙيلن سان گڏجي حملو ڪيو مون کي سخت تشدد جو نشانو بڻايو جنهن ڪري منهنجي ٻنهي ٽنگن تي اثر پيو آهي واقعي جي رپورٽ پريالو ٿاڻي پوليس رپورٽ داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي جوابدارن مون کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مون کان ۾ لک رپيا روڪ رقم ۽ موبائيل فون ڦري ويا. منهنجي ڏاڏي پنهنجي جمار ۾ ملڪيت اسان جي والد کي ڏني هئي ان باوجود جوابدار ملڪيت تي زبردستي قبضو ڪرڻ چاهن ٿا هنن چيف آف آرمي اسٽاف، چيف جسٽس آف پاڪستان، وزيراعظم پاڪستان، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، وزيراعليٰ سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪريون ته اسان کي قانوني تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا | سنڌيار | 02

سميت آس پاس جي ٻين ضلعن جا رهواسي ٻارڙن جي جديد طبي سهولتن لاءِ پريشان، ڪراچي وڃي علاج ڪرائڻ تي مجبور. سکر جا چونڊيل نمائندا خاموش تماشائي، جديد مشينري چوري ٿيڻ جوخطرو وڌي ويو. باشعور ساڄاهه وندن ۾ ڳڻتي جي لهر ڇانيل. رپورٽ موجب سکر ٽائون شپ واري علائقي ۾ غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج جي زير تعمير عمارت پرسان ڏکڻ ڪوريا جي فنڊنگ سان 27 ايڪڙن تي تعمير ٿيل چائلڊ هيلٿ سينٽر جو گجهه گوهه ۾ ٽيچنگ سول اسپتال سکر سان الحاق ختم ڪري ڪورنگي ضلعي جي چائلڊ اسپتال سان ڪرڻ جو انڪشاف ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ گهڻ پاسائي جاچ ڪري ورتل معلومات دوران پتو پيو آهي ته سال 2011 ع ۾ اڪنامڪ افيئرز ڊويزن طرفان ڪانسيپٽ پيپرن جي منظوري ڪانپوءِ سکر ۾ ٻارڙن جي جديد سائنسي علاج ڪرڻ لاءِ انسٽيٽيوٽ قائم ڪرڻ جو رٿيو ويو جنهن تي 6 ارب رپيا لاڳت اچڻ جو ڪٿيو ويو. غيرملڪي فنڊنگ سان تعمير ٿيندڙ چائلڊ هيلٿ سينٽر جي اسٽيٽ آف آرٽ عمارت جي تعمير لاءِ شروعاتي طور 8 ايڪڙ ايراضي مختص ڪئي وئي، ۽ سال 2012 ع ۾ ڏکڻ ڪوريا جي وفد طرفان سکر پهچي معائنو ڪرڻ دوران جديد انسٽيٽيوٽ جي ايراضي ۾ واڌارو ڪري 27 ايڪڙ مختص ڪيا ويا. 200 بيڊن تي مشتمل عمارت جي تعمير لاءِ انٽرنيشنل بڊنگ ڪئي وئي، اسٽيٽ آف آرٽ عمارت جي تعمير وارو ڪم ڏکڻ ڪوريا جي هڪ ڪمپني حاصل ڪري سال 19_2020 ع دوران مڪمل ڪيو. ان دوران ڪووڊ 19 جي خطرن سبب چائلڊ هيلٿ سينٽر جو افتتاح نه ٿي سگهيو. ۽ سال 2023 ع ۾ اڳوڻي سنڌ حڪومت ويندي ويندي چائلڊ هيلٿ سينٽر سکر جو الحاق ٽيچنگ سول اسپتال سکر سان ختم ڪري گجهه گوهه ۾ ڪورنگي چائلڊ اسپتال سان ڪري ڇڏيو ملڪي فنڊنگ سان قائم ڪيل چائلڊ هيلٿ اسپتال سکر ۾ ريڊيالاجي، پيٿالاجي، سائڪالاجي، ڪارڊيالاجي، پيڊس ميڊيسن، پيڊس سرجري ۽ پيڪونيڪو سرجري جا شعبا قائم ڪيا ويا

بقايا | سنڌيار | 03

واسي 3 ورهين جو علي گل پٽ غلام حيدر خاصخيلي ڳوٺ قمبر خاصخيلي جا 3 ٻارڙا 4 مهينن جو پسند علي پٽ اياز خاصخيلي 2 مهينن جو ريحان علي پٽ قربان علي 3 مهينن جي نينگري مقدس خاصخيلي فوت ٿي ويا جڏهن ته وڌيڪ 5 ٻارڙا سخت بيمار آهن ڳوٺائي نادر علي خاصخيلي ميڊيا کي ٻڌايو ته ٻارڙن کي ڇاتي ۽ ساهه جي تڪليف ٿي جن کي هيلٿ سينٽر سن ڪٺائي وياسين پر ڪوبه توجهه نه ڏنو ويو جنهن سبب گلن جهڙا ٻارڙا فوت ٿي رهيا آهن هنن مطالبو ڪيو ته صحت کاتي جي ٽيمن کي موڪلي علاج جي سهولت ڏني وڃي

بقايا | سنڌيار | 04

پوءِ ڪيس ڪراچي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو دم ڌڻي حوالي ڪري ويو. لاش کي ڪراچي کان واپس آبائي ڳوٺ پهچائڻ تي ڳوٺ ۾ ڪهرام مچي ويو جنهن کي مقامي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

بقايا | سنڌيار | 05

سڪولن ايسوسيئيشن ڪمپليڪس ٺٽو ۽ منعقد ڪيل اسپورٽس ڊي ۽ فيئر ۾ سرڪاري ۽ خانگي اسڪولن جي شاگردن ڀرپور نموني حصو ورتو. راندين ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکارڻ وارن شاگردن ۾ انعام ورهايا ويا. هن موقعي تي ڳالهائيندي مقررن چيو ته راندين سان نوجوانن ۾ نظم و ضبط پيدا ٿئي ٿو. راندين ۾ حصو وٺڻ سان ٻارن ۾ اعتماد پيدا ٿئي ٿو ۽ صحتمند ذهن صحتمند جسم ۾ هوندو آهي. راندين جي ذريعي ٻارن ۾ صبر، برداشت، ڀائيچارو ۽ پنهنجي راند ۾ بهتري آڻڻ جو جذبو پيدا ٿئي ٿو. ٻارن ۾ تعليمي سرگرمين سان گڏ ڪيترين ئي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ راندين جي سرگرمين جي تمام گهڻي ضرورت آهي. راند کيڏڻ سان انسان ۾ فرمانبرداري، برداشت، صبر، نظم وضبط ۽ برداشت وڌندو آهي. هر راند جا پنهنجا قاعدا ۽ ضابطا هوندا آهن جيڪي رانديگر کي نظم وضبط ۾ آڻيندا آهن. تقريب ۾ بشارت الياس جوڪيو سينيئر هيڊ ماستر، محمد صفدر ٺٽوي فوڪل پرسن اسڪول ٺٽو، صائمه عقيلي، رخسانه ڪوآرڊينيٽر رائٽ ٽو پلي ٺٽو محمد رفيق جوڪيو سينيئر ٽيچر ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ ٺٽو ظهير خٽڪ فيفا سفير، غلام حسين ملاح ڊيسنٽ اسڪول ترڪي ڪالوني ۽ ٻين شرڪت ڪئي. راندين جي اهميت تي ايونٽ جي ڀرپور سيمي فائنل ۾ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مخدوم ابوالحسن ٺٽوي مڪليءَ ڊيسنٽ ٺٽو ترڪي ڪالوني (مڊل سيڪشن) کي 0_2 تان هارائي ڇڏيو جڏهن ته ٻئي سيمي فائنل ۾ ڊيسنٽ ٺٽي ترڪي ڪالوني (هاءِ سيڪشن) گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مال مري کي شڪست ڏئي فائنل ۾ پهچي ويو. ٽيبل ٽينس جوفائنل مئچ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مخدوم ابوالحسن ٺٽوي مڪلي ۽ ٺٽي ترڪي ڪالوني (هاءِ سيڪشن) وچ ۾ ڪيڏيو ويو. هي فائنل ميچ گورنمينٽ بوائز ڪيمپس اسڪول مڪلي جي شاگرد محمد حسن جٽ 0_2 تان کٽيس مهمانن فائنل کٽيندڙ شاگردن کي مبارڪون ڏنيون.

بقايا | سنڌيار | 06

